روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 10 مئي 2023 ع بمطابق 19 شوال المکرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 344

اڳوڻو وزيراعظم عمران خان نيب ڪيس ۾ گرفتار

پي ٽي آءِ چيئرمين ادارن بابت بيان بازي سميت ٻين ڪيسن ۾ ضمانت لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو هو جتي رينجرز جي ڳري نفري عمران خان کي حراست ۾ ورتو

عمران خان کي القادر ٽرسٽ جي نيب ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ نيب عملدارن وٽ سندس گرفتاري جا وارنٽ موجود هئا: ذريعا

عمران خان کي القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي، اسلام آباد ۾ قلم 144 لاڳو آهي، پڪڙڻ تي ڪارروائي ڪئي ويندي: آءِ جي اسلام آباد

عمران خان جي گرفتاري جون اڳ تياريون هيون ۽ سندس لاءِ هڪ هفتو اڳ ئي ڪمرو تيار ڪيو ويو هو :ذريعا

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق عمران خان جي گرفتاري تي پيش آيل واقعي جو نوٽيس ورتو

قومي احتساب بيورو طرفان عمران خان جا گرفتاري وارنٽ پهرين مئي تي جاري ٿيا هئا، عمران خان جا وارنٽ نيب چيئرمين جي صحيح سان جاري ٿيا

اسلام آباد (م ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) تحريڪ انصاف جي چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي گرفتار ڪري ورتو پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان عسڪري ادارن بابت بيان بازي سميت ٻين ڪيسن ۾ ضمانت لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو هو جتي رينجرز جي ڳري نفري عمران خان کي حراست ۾ ورتو ذريعن جو چوڻ آهي ته عمران خان کي القادر ٽرسٽ جي نيب ڪيس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي گرفتاري بعد گاڏي ۾ ويهاريو پيو وڃي، وڏي انگ ۾ نفري موجود آهي

پوليس تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو

ڪارڪنن عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ هاءِ وي بلاڪ ڪري ڇڏيو هو

سري نگر هاءِ وي بلاڪ ڪرڻ تي 20 کان وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد(م ڊ) پوليس تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪندڙ تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن خلاف ڪريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان جي گرفتاري، ڪارروائي ڪرڻي پئي ته وزيراعظم، وزيرن خلاف به ٿيندي: جسٽس عامر فاروق

عمران خان جي گرفتاري تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي ٿي ۽ چيف جسٽس عامر فاروق ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌايو ڪهڙي ڪيس ۾ گرفتاري ڪئي وئي؟ چيف جسٽس

آءِ جي اسلام آباد نيب جي وارنٽ جي ڪاپي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاري جو نوٽيس وٺي ڇڏيو عمران خان جي گرفتاري تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي ٿي ۽ چيف جسٽس عامر فاروق ڪيس جي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ذهني طور تي جيل وڃڻ لاءِ تيار آهيان: عمران خان

عزت صرف هڪ اداري جي نه پر هر شهري جي هجڻ گهرجي

هن وقت قوم جي سيني کان وڏي پارٽي جو اڳواڻ آهيان ۽ 50 سالن کان قوم مون کي سڃاڻي ٿي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته مان ذهني طور تي جيل وڃڻ لاءِ تيار آهيان، عزت صرف هڪ اداري جي نه پر هر شهري جي هجڻ گهرجي. ڪيس ۾ پيشي جي سلسلي ۾ اسلام آباد روانو ٿيڻ کان اڳ ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عمران جي گرفتاري خلاف مظاهرا، روڊ بلاڪ: پوليس سان ڇڪريون: علي زيدي سميت ڪيترائي گرفتار

ڪراچي جي علائقي ڪالا پل وٽ مظاهري دوران پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر علي زيدي، ايم پي اي عديل احمد سميت 20 کان وڌيڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي ۾ احتجاج دوران پوليس ۽ ڪارڪنن ۾ ڇڪريون ٿيون، مظاهرين رينجرز چوڪي سوڌو عام ماڻهن جي گاڏين کي باهه ڏئي ڇڏي

شاهراهه فيصل، سهراب ڳوٺ ۽ گورا قبرستان سوڌو بحريه ٽائون آڏو موٽروي بلاڪ هجڻ سبب ٽريفڪ معطل

حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، نواب شاهه، ٽنڊو محمد خان، دادو، ٽنڊو الهيار ۽ ٻين شهرن ۾ به احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا

پي ٽي آءِ ڪارڪن ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪيا، پوليس مختلف شهرن مان پي ٽي آءِ جا ڪيترائي ڪارڪن گرفتار ڪري ورتا

ڪراچي ۾ رينجرز چوڪي کي باهه ڏني وئي، لاهور ۾ ڪور ڪمانڊر هائوس تي پي ٽي آءِ ڪارڪن ڪاهه ڪري ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ سامان ڪڍي ويا

حيدرآباد /ڪراچي(نمائندن وٽان) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گرفتاري خلاف پي ٽي آءِ سڄي ملڪ ۾ مظاهرا ۽ ڌرڻا هنيا آهن. ڪراچي سميت مختلف شهرن ۾ مظاهرين ۽ پوليس وچ ۾ ڇڪريون به ٿيون آهن ڪراچي جي علائقي ڪالا پل وٽ مظاهري دوران پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر علي زيدي، ايم پي اي عديل احمد سميت 20 کان وڌيڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: پي ٽي آءِ ڪارڪن عمران خان جي گرفتاري خلاف روڊن تي باهيون ڏئي احتجاج ڪري رهيا آهن

لاهور ۾ فلورملز مالڪن اٽي جي 20 ڪلو ٿيلهي جي قيمت وڌيڪ 100 روپيه وڌائي ڇڏي

لاهور (م ڊ) لاهور ۾ فلورملز مالڪن اٽي جي 20 ڪلو ٿيلهي جي قيمت وڌيڪ 100 روپيه وڌائي ڇڏي. فلورز ملز ايسوسيئيشن موجب اٽي جي قيمت ۾ واڌ کان پوءِ مارڪيٽ ۾ 20 ڪلو جو ٿيلهو 2800 روپين جو ٿي ويو اٽي جي قيمت وڌڻ تي فلور ملز مالڪن چيو آهي ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ جي قيمت وڌڻ سبب اٽو مهانگو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عمران خان جي گرفتاري تي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاج، روڊ بند، ڀڃ ڊاهه

عمران خان جي گرفتاري کانپوءِ قيادت سڄي ملڪ ۾ ڪارڪنن کي احتجاج جو سڏ ڏنو

اعلان کانپوءِ مختلف شهرن ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جو احتجاج شروع ٿي ويو

پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جي مختلف شهرن ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڇڏيا

پي ٽي آءِ ڪارڪنن شاهراهه فيصل تي ٽريفڪ جي رواني بند ڪري ڇڏي ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاري تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڇڏيا. عمران خان جي گرفتاري کانپوءِ قيادت سڄي ملڪ ۾ ڪارڪنن کي احتجاج جو سڏ ڏنو جنهن کانپوءِ مختلف شهرن ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جو احتجاج شروع ٿي ويو پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جي مختلف شهرن ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

مون وٽ فيض حميد خلاف ثبوت هئا، عمران خان به ثبوت آڻي: شوڪت عزيز صديقي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي چيو آهي ته مون وٽ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد خلاف ثبوت هئا. ان ڪري عمران خان به ثبوت سامهون آڻي. نجي ٽي وي سان ڳالهيون ڪندي اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي چيو ته عمران خان بنا ڪنهن ثبوتن جي الزام لڳائي رهيو آهي، هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران سياسي مقصدن لاءِ ملڪ جي سلامتي کي خطري ۾ وجهي پيو: مقبول صديقي

پاڪستان تحريڪ انصاف جي جلسن ۾ مذهبي حوالي سان سياسي مقصدن لاءِ استعمال ٿيڻ افسوسناڪ آهي

مذهب کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ حساس ادارن کي بدنام ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي

ملڪ هن وقت معاشي ۽ سياسي لحاظ کان انتهائي ڏکي وقت مان گذري رهيو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي جو چوڻ آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي جلسن ۾ مذهبي حوالي سان سياسي مقصدن لاءِ استعمال ٿيڻ افسوسناڪ آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ خالد مقبول صديقي چيو ته مذهب کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ حساس ادارن کي بدنام ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي، ملڪ هن وقت معاشي ۽ سياسي لحاظ کان انتهائي ڏکي وقت مان گذري رهيو آهي، ڪنهن به قسم جو الزام ناقابل قبول آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: پي ٽي آءِ ڪارڪن پارٽي سربراهه عمران خان جي گرفتاري خلاف روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪندي

عمران خان جي هدايت سامهون رکندي حڪمت عملي جو اعلان ڪندس: شاهه محمود قريشي

اسلام آباد وڃي رهيو آهيان، سينئر ليڊرشپ ۽ 6 رڪني ڪميٽي جو اجلاس گهرايو آهي

عوام کي نڪرڻو پوندو ۽ هن چور ٽولي جو مقابلو ڪرڻو پوندو، سيني کي چوان ٿو ته گهرن مان نڪرو

اسان کي ڪنهن تي حملو ناهي ڪرڻو ۽ سرڪاري ملڪيتن کي نقصان ناهي پهچائڻو

ڪراچي (م ڊ) تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته عمران خان جي هدايت سامهون رکندي حڪمت عملي جو اعلان ڪندس. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي شاهه محمود قريشي چيو ته اسلام آباد وڃي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

خان ۽ جنرل عاصم منير هڪ ڪمري ۾ ويهي هڪ ٻئي جا خدشا ٻڌن: اسد عمر

تي سگهي تو جنرل عاصم منير تائين پهچندڙ خبرون سچ نه هجن

عمران خان کي جيڪي ڳالهيون ٻڌايون پيون وڃن اهي حقيقت تي ٻڌل نه هجن

تجويز پارٽي موقف نه پر سندس پنهنجو خيال آهي پر ان تي ڪنهن کي به اعتراض نه هوندو

تحريڪ انصاف اڳواڻ اسد عمر (فائيل فوٽو)

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اسد عمر صلاح ڏني آهي ته هالي وقت اچي ويو آهي ته عمران خان ۽ جنرل عاصم منير هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڊالر مهانگو، اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڀاڙائي

انٽربئنڪ ۾ ڊالر 15 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 284 رپيا 28 پئسا ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ رپيو مهانگو ٿيڻ کان پوءِ 289 رپيا ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي جنهن سبب پاڪستاني رپيو پنهنجي قدر وڃائي رهيو آهي. انٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حڪومت عوام کي وڏو ريليف ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو

پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتون گهٽ ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو

پورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ پگهار 40 هزار روپيه ماهوار ڪئي ويندي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي سرڪار سڄي ملڪ ۾ ريليف ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. نجي ٽي وي امڪاني طور تي چونڊن کان اڳ عوام کي وڏو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله عمران خان جي گرفتاري جي حمايت ڪري ڇڏي

عمران خان مٿان داخل ڪيسز ڊاڪيومينٽڊ آهن، ٻين تي الزام لڳائيندڙ پاڻ ڪرپشن ڪري رهيو هو : راڻا ثناءُالله

نيب ۾ عمران خان خلاف جاچ هلي رهي هئي جنهن ۾ 50 ارب روپيه قومي ناڻي کي نقصان جو معاملو آهي

القادر ٽرسٽ ۾ 5 ارب روپين جي ملڪيت عمران خان جي نالي تي آهي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاري جي حمايت ڪري ڇڏي. هن چيو ته عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله (فائيل فوٽو)

عمران خان جون ڀينرون زمان پارڪ پهچي ويون

حڪومت منصوبه بندي سان عمران خان کي گرفتار ڪيو آهي : نورين نيازي

عمران خان ملڪ لاءِ جيڪو ڪيو آهي اهو قائداعظم کان پوءِ ڪنهن به ناهي ڪيو

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جون ڀينرون نورين نيازي ۽ عظميٰ خان زمان پارڪ پهچي ويون. زمان پارڪ ٻاهران ڳالهيون ڪندي عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سنڌ جي وڏي وزير ۽ افغان واپار واري وزير ۾ ملاقات، گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق

ملاقات ۾ صوبائي وزيرن ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، جام اڪرام الله ۽ ٻيا موجود هئا

پاڪستان ۽ افغانستان ٻئي ملڪ پاڙي ملڪ آهن ۽ پاڪستان خاص ڪري ڪراچي افغان شهرين جو ٻيو گهر آهي : مراد علي شاهه

افغانستان ۾ امن جو دور واپس اچي ويو آهي ۽ اهو امن عوام جي زندگين ۾ خوشحالي آڻيندو : نورالدين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ واپار بابت وزير افغانستان نورالدين عزيز وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل ملاقات ۾ عوام جي خوشحالي ۽ بهتري لاءِ خطي اندر امن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه سان افغان واپاري واري وزير جو ملاقات بعد نڪتل گروپ فوٽو

آمريڪا پاران عرب ليگ ۾ شام جي ٻيهر شموليت جي مخالفت

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا شام جي عرب ليگ ۾ ٻيهر شموليت تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته هو شام جي ٻيهر عرب ليگ ۾ شموليت جي حق ۾ ناهي. آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان جو چوڻ آهي ته وحشياڻي گهرو ويڙهه کانپوءِ صدر بشار الاسد لاڳاپا معمول تي آڻڻ جي لائق ناهي. بشار الاسد حڪومت سان لاڳاپا معمول تي نه آڻينداسين . آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

توهين پارليامينٽ بل 2023 قومي اسيمبلي ۾ پيش

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر بل تي ڪميٽي رپورٽ 7 ڏينهن ۾ طلب ڪري ورتي

قومي اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ ٿيو

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي ۾ توهين پارليامينٽ بل 2023 پيش ڪيو ويو جڏهن ته وڌيڪ غورجي لاءِ بل کي قانون ۽ انصاف جي قائمه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

وزيراعظم لنڊن ۾ هڪ ڏينهن وڌيڪ رهندو، مريم اورنگزيب

شهباز شريف سياسي ۽ قومي معاملن تي صلاح مشورا ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ درو وڌايو

وزيراعظم برطانيا جي بادشاهه چارلس ٽين جي تاج پوشي جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ برطانيا ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف وڌيڪ هڪ ڏينهن لنڊن ۾ رهندو، ان حوالي سان سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو ته وزيراعظم لنڊن ۾ هڪ ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

راولپنڊي: خاتون اول بيگم ثمينه علوي تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

ڪراچي ۾ حدخلين خلاف آپريشن ڪندڙ ٽيم مٿان فائرنگ، هڪ ڄڻو مارجي ويو

سرجاني ٽائون ۾ حدخلين خلاف آپريشن ڪندڙ ٽيم تي نامعلوم ماڻهن طرفان فائرنگ ڪئي وئي

جوابدارن جي فائرنگ سبب مشين آپريٽر نعيم مارجي ويو، صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پوليس جي وڌيڪ نفري طلب ڪئي وئي

ضلعي غربي جي پوليس فائرنگ جي الزام هيٺ 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي : ذريعا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي سرجاني ٽائون ۾ حدخلين خلاف آپريشن ڪندڙ ٽيم تي نامعلوم ماڻهن طرفان فائرنگ ڪئي وئي جنهن سبب مشين آپريٽر نعيم مارجي ويو، ڪراچي جي علائقي سرجاني ٽائون جي سيڪٽر 8 ۾ حدخلين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

خان جي گرفتاري: اسٽاڪ مارڪيٽ 400 پوائنٽس ڪري پئي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري جي خبر سامهون اچڻ کانپوءِ پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ مندي جو رجحان رڪارڊ ڪيو ويو ۽ ڪاروبار بند ٿيڻ تي اسٽاڪ مارڪيٽ 100 انڊيڪس چار سو کان وڌيڪ پوائنٽس جي گهٽتائي سان بند ٿي اسٽاڪ مارڪيٽ بروڪرز جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف پروگرام جي بحالي ۾ ديرجي خبرن سبب اسٽاڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: سرجاني ٽائون ۾ غيرقانوني طور ڪيل حدخلين هٽايون پيون وڃن

مبارڪپور: ڪارنهن الزام هيٺ ٻٽو قتل، جوابدار پٽ جي مڱيندي ۽ نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ رحيم شاهه ۾ جوابدار ڪارنهن الزام هيٺ ڪلاشنڪوف جا فائر ڪري 18 ورهين جي مسمات گلزادي کي قتل ڪيو

اطلاع ملڻ تي جهان واهه پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتولا ناري ۽ نوجوان جا لاش تحويل ۾ ورتا

مبارڪپور (م ڊ) مبارڪپور پرسان جهان واهه ٿاڻي جي حد ڳوٺ رحيم شاهه ۾ جوابدار ڪارنهن الزام هيٺ ڪلاشنڪوف جا فائر ڪري 18 ورهين جي مسمات گلزادي ڌيءُ سور مارفاڻي ۽ 20 ورهين جي نوجوان ثناءُ الله پٽ گلاب مارفاڻيءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جتان به پيٽرول سستو ملندو، اتان کان خريد ڪنداسين: مصدق ملڪ

في الحال پهرين کيپ اچڻ تي جائزو وٺنداسين ته روسي تيل ڪيترين ضرورتون پوريون ڪري ٿو

آبادي جي لحاظ کان دنيا جو پنجون وڏو ملڪ پاڪستان توانائي جي سخت بحران جو شڪار آهي :فرانسيسي خبرو ادارو

اسلام آباد (م ڊ) پيٽروليم بابت وفاقي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته اسان کي جتان کان به پيٽرول سستو ملندو اسان اتان ئي خريد ڪنداسين. مصدق ملڪ اها ڳالهه فرانسيسي خبرون ڏيندڙ ايجنسي کي انٽرويو ڏيندي چئي. هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائي وٺو، نئين رجسٽريشن جاري

نادرا جا شرط پورا ڪرڻ ۽ آفيسن ۾ سهولتن جي کوٽ ۽ ڊگهيون قطارون لڳل

نادرا پاران سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ موبائيل آفيسون ناهيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت اڳوات سروي ۾ شامل خاندانن کي قسط ملي رهي آهي. سڄي ملڪ ۾ لکين ماڻهو جيڪي ان مان لاڀ وٺن ٿا ۾ ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي اهڙي سهولت کان محروم آهن. جو ته سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪرپٽ حڪمرانن جي ڪرپشن سبب سنڌ مسئلن جو ڳڙهه بڻجي وئي: صدرالدين شاهه

زرعي صوبي جي عوام اٽي کان محروم آهي، اٽو ب سئو رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي

ڪڻڪ جي نئين فصل لهڻ باوجود غريب عوام کي اٽو سستو نٿو ملي، اڳتي حالتون وڌيڪ خراب ٿيندي نظر پيون اچن

بدترين گيس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب سنڌ جو عوام ٻٽي عذاب ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي چيو آهي ته موجوده ڪرپٽ حڪمرانن ۽ ڪرپشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسان بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ وڌيڪ فنڊز جو مطالبو ڪيو آهي : شازيه مري

اسلام آباد (م ڊ) غربت جي خاتمي بابت وفاقي وزير شازيا مري چيو آهي ته جلد يوسي سطح تي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي رجسٽريشن لاءِ خاص موبائيل گاڏيون بلوچستان موڪليون وينديون. قومي اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي شازيا مري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جو صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي: پي ٽي آءِ اڳواڻ علي زيدي گرفتار

علي زيدي کي ڪراچي جي ڪالا پل واري علائقي مان حراست ۾ ورتو ويو

شاهراهه فيصل تي احتجاج ڪندڙ 23 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي: پوليس

ڪراچي (م ڊ) پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻ صدر علي زيدي کي گرفتار ڪري ورتو. تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر علي زيدي کي ڪراچي جي ڪالا پل واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جا امتحان جاري، مختلف سينٽرز تي پيپر وقت کان اڳ آئوٽ

سکر، لاڙڪاڻو، سانگهڙ، مدئجي، ڳپچاٽي ۽ دوڙ ۾ پيپر واٽس ايپ گروپن ۾ پهچي ويا

حيدرآباد ۽ قاضي احمد سميت مختلف شهرن جي امتحاني سينٽرز ۾ موبائل فون ذريعي ڪاپي جي ڌم متل رهي

عمرڪوٽ ۾ امتحاني سينٽرز تي ڪاپي تي ضابطو آڻڻ ۾ پوليس توڙي انتظاميه ناڪام ٿي وئي

حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جا امتحان جاري آهن. مختلف امتحاني سينٽرز تي پيپر وقت کان اڳ آئوٽ ٿي ويا. اڪثر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

عمران خان جي گرفتاري، وڏن شهرن ۾ انٽرنيٽ سروس جي بندش شروع

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاري کانپوءِ پيدا ٿيل صورتحال کي ڏسندي لاهور سميت ملڪ جي وڏن شهرن ۾ انٽرنيٽ سروس بند ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب پنجاب جي گهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڀارت ۾ مسافر بس پل تان ڪري پئي، 22 ڄڻا اجل جو شڪار

واقعو مڌيا پرديش رياست ۾ پيش آيو جتي مسافرن سان ڀريل بس حادثي جو شڪار ٿي وئي

ريسڪيو اهلڪار تڏي تي واقعي واري هنڌ پهچي لاشن ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت ۾ هڪ مسافر بس پل تان هيٺ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ 22 ڄڻا مارجي ويا، ڀارتي ميڊيا رپورٽن موجب اهو واقعو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٽنڊو غلام حيدر مويا پرسان ڳوٺ باقر رند جي درجنين رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

موبا پوليس جي مبينا زياديتن خلاف احتجاجي مظاهرو، معاملي جي نوٽيس وٺڻ جي گهر

اهلڪارن پاران فائرنگ ڪري اسان کي زوري زبردستي ڪنيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: مظاهرين

اسان تي داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري اسان سان حقيقي انصاف ڪيو وڃي: ڳالهيون

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) ٽنڊو غلام حيدر موبا پرسان ڳوٺ باقر رند جي درجنين رهواسين پاران موبا پوليس جي مبينا زياديتن خلاف احتجاجي مظاهرو مقامي رهواسين مٽان موبا پوليس جي اهلڪارن پاران فائرنگ ڪري ڪين زوري زبردستي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو غلام حيدر: ڳوٺ باقر رند جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

انهٽ موري پرسان جام لغاري شاخ ۽ چوٽڪو گجراواهه جي پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ

نواب شاهه (رپورٽر) انهٽ موري پرسان جام لغاري شاخ ۽ چوٽڪو گجراواهه جي پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ سبب فٽي جي فصل جي پوکائي سخت متاثر ٿيڻ لڳي پاڻي نه اچڻ ڪري پکي توڙي چوپايو مال به اڃ وگهي مرڻ لڳو آهي آبادگارن سليم احمد جمالي غلام محمد جمالي ايوب شر اعجاز جمالي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو غلام حيدر تعلقي جي يوسي لڪي ايٽ ميرواهه ۾ يوسي سيڪريٽري پاران ڪرپشن

پيدائشي سرٽيفڪيٽن تان 5 سئو ڪان ست سئو روپيا رشوت طلب ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

نزاڪت پلڻ سميت ايس ٽي پي جي ڪارڪنن يوسي لڪي ايٽ ميرواهه جي سيڪريٽري خلاف احتجاج ڪيو

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) تعلقي جي يوسي لڪي ايٽ ميرواهه ۾ يوسي سيڪريٽري پاران مسڪين رهواسين کان رهائشي ۽ پيدائشي سرٽيفڪيٽن تان 5 سئو کان ست سئو روپيا رشوت طلب ڪري ڏياڏتيون ڪرڻ خلاف ايس ٽي پي تعلقه صدر پير عظيم شاهه جنرل سيڪريٽري خميسو ٽيبو نائب صدر ڪمن لاکو نزاڪت پلڻ سميت ايس ٽي پي جي ڪارڪنن پاران يوسي لڪي ايٽ ميرواهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گهارو ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف واپاري ايسوسيئيشن پاران احتجاجي مظاهرو

علماء ايڪشن ڪميٽي گهارو ۽ سول سوسائٽي گهارو پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سول سوسائٽي پاران هٽراڙ لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ريلي ڪڍي وئي

ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ واڌو بل ورتو پيو وڃي تنهن باوجود به لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي: اڳواڻ

گهارو (بشام جوکيو) گهارو لوڊشيڊنگ خلاف واپاري ايسوسيئيشن گهارو سنڌ تي هڪ وڏي احتجاجي ريلي نڪتي جنهن ڪاٺيءَ ڪي اليڪٽرڪ آفيس اڳيان ڌرڻو لڳو جنهن بعد ايس ايچ او گهارو ممتاز بروهي ٿياڪڙي ڪري ڪامياب ڳالهيون ڪرايون ۽ واپارين سان ڪي اليڪٽرڪ درميان اهو طئي ٿيو ته لوڊشيڊنگ ۾ ٻن ڪلاڪن جي گهٽتائي ٿيندي. واپاري ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گهارو: بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

بدين (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن ضلعي صدر راجا اعجاز خواجه، علي حيدر پنهور، حنيف جانٽ، پنهل نظاماڻي، مظهر کهري، سومرو خان لاشاري، شاهنواز سيال ۽ ٻين اڳواڻن توڙي ڪارڪنن پاران بدين ۾ بدامني، چورين ,منشيات فروشي، دڪانن کي ڪاٽ لڳڻ، سري عام ڦرون ٿيڻ، موٽر سائيڪلن جي چورين ۾ اضافعو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر ۾ مدرسي لاءِ چندو وٺندڙ سرحد جو رهواسي نينگر ڪوچ جي ٽڪر ۾ فوت

ڳوٺ در محمد پهوڙ جو رهواسي 12 سالا نينگر خطابي علي حسن پهوڙ فوت ٿي ويو

سٽي بائي پاس جي مدرسي لاءِ چندو وٺندڙ نينگر روڊ ڪراس ڪيو ته ڪوچ ٽڪر هنيو

لاش سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلو) مسجد جو چندو وٺندڙ خطابي علي حسن پهوڙ ڪوچ جي ٽڪر ۾ فوت گهر ۾ ڪهرام تفصيل موجب 12 سالا علي حسن پهوڙ گوٺڪي جي علائقي سرحد جو رهواسي سٽي باءِ پاس جي مدرسي لاءِ چندو وٺندڙ نينگر روڊ ڪراس ڪندي تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر لڳڻ سبب ٿڏي تي فوت ٿي ويو واقعي واري هنڌ حد جي پوليس پهچي ويءِ ڪوچ کي تحويل ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن پاران احتجاجي مظاهرو

ضلعي ۾ قائم آئل ۽ گيس ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ احتجاج

يعقوب لطيف سومرو، سول سوسائٽي جي اڳواڻ فيض محمد سولنگي، محمد اشرف پرهياڙ شريڪ

ٻين صوبن جي ماڻهن کي روزگار سان لڳايو پيو وڃي جيڪا سراسر ڌرتي ڌڻين سان ناانصافي آهي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان پاران ضلعي ۾ قائم آئل ۽ گيس ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان: هيومن رائيٽس ڪميشن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

احمدپور ۾ پورهيتن جي ٻن گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي، فائر برگيڊ عملو نه پهتو

احمدپور (رپورٽر) احمدپور ۾ پورهيتن جي ٻن گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي، باهه لڳڻ سبب پورهيتن جي گهرن ۾ پيل الہ تله سڙي رک ٿي وي، اطلاع باوجود فائر برگيڊ عملو واقعي هنڌ نه پهتو شهري پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه وسائي وڏيڪ گهرن کي باهه لڳڻ کان بچائي ورتو، رپورٽ موجب احمدپور ۾ ٻن پورهيتن قدير ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گرفتاري خلاف سکر ۾ ڪارڪنن جو احتجاجي مظاهرو

پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن انصاف هائوس ملٽري روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو، شديد نعريبازي

مظاهرين ڪارڪنن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينرهئا جن مٿان عمران خان کي آزاد ڪيو جا مطالبا لکيل هئا

جيڪڏهن حڪومت انتقامي ڪاررواين کان باز نه آئي ته دمادم مست قلندر ڪنداسين: ديدار جتوئي جون ڳالهيون

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گرفتاري خلاف سکر ۾ تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن انصاف هائوس ملٽري روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ۽ موجوده حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي، مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينرهئا جن مٿان عمران خان کي آزاد ڪيو جا مطالبا لکيل هئا احتجاج ۽ ڌرڻي جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽي جي ڪوهستاني زمينن تي ٿيندڙ قبضا توڙي والارون ختم ٿي نه سگهيون

ڪوهستاني ڳوٺ وڏيرو علو جاکرو جي رهواسي پير بخش جاکرو، واحد ڏنو جاکرو احتجاج ڪيو

ڪوهستاني زمينن تي بااثر ماڻهن قبضا ڪري ڪين ملڪيتن مان ئي بيدخل ڪري ڇڏيو آهي: الزام

زمينون آباد ڪرڻ جون ڪوششون پيا ڪن، منع ڪرڻ تي بااثر ماڻهون اسانکي موتمار ڌمڪيون ڏين پيا

ٺٽو (ڊ ن) ڪوهستاني زمينن تي ٿيندڙ قبضا توڙي والارون ختم ٿي نه سگهيون، ڪوهستان واسي پنهنجون ملڪيتون بچائڻ لاءِ سراپا احتجاج بڻيل، ان سلسلي ۾ يوسي جهمپير جي جوڙ مڪان جي ڪوهستاني ڳوٺ وڏيرو علو جاکرو جي رهواسي پير بخش جاکرو، واحد ڏنو جاکرو ۽ نبو جاکرو هتي صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته سندن ڪوهستاني زمينن تي بااثر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽو: ڪوهستاني ڳوٺ وڏيرو علو جاکرو جا رهواسي پير بخش جاکرو، واحد ڏنو جاکرو احتجاج ڪندي

جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن صوبائي سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ جو شاندار استقبال

دولت پور صفن (رپورٽر) جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن صوبائي سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ رستم علي خان جوڻيجو عاشق علي خان جوڻيجو عمري جي سعادت ماڻي ملڪ پنهنجي ملڪ پهچي ويا پاڻ جڏهن ڪراچي ايئرپورٽ پورٽ تي پهتا ته جوڻيجا فيملي جي ماڻهن توڙي دوستن سندن والهانا استقبال ڪيو ويو جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽي جي مختلف علائقن ۾ جهمپير غلام الله گجو گهارو ڏاڀيجي ۾ ڪريش مافيا سرگرم

رٽيناٽي ۽ ان جي آسپاس جي پرسان قائم جبلن جي سونهن داءَ تي لڳي وئي آهي: رهواسي

مڪلي رٽيناٽي ۽ ان جي آسپاس جي پرسان قائم ڪريش پلانٽن علائقي واسين لاءِ عذاب بڻيل

بم باري جو استعمال ڪن ٿا جنهن ڪري پڪين جاين جي ڇتن ۽ ديوارن ۾ ڏار پئجي ويا آهن

ٺٽو (رپورٽر) ضلعي ٺٽي جي مختلف علائقن ۾ جهمپير غلام الله گجو گهارو ڏاڀيجي مڪلي رٽيناٽي ۽ ان جي آسپاس جي پرسان قائم جبلن جي سونهن داءَ تي لڳي لينڊ مافيا ۽ ڪريش پلانٽ مافيا پاران جبلن جي چيرڦاڙ جاري سوين ڳوڻاڻ جون بم باري ۽ غيرقانوني هلندڙ ڪريش پلانٽن وگهي راتين جون ننڊون حرام اختيارين اگهور ننڊ ستل رپورٽ موجب ضلعي ٺٽي جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

غوثپور جي ڳوٺ مولوي غلام رسول بجاراڻي پرسان اغوا ٿيل ڪيمرا مين فرار ٿي پهتو

سڄڻ ميراڻي کي ڌاڙيلن غوثپور جي ڪچي واري علائقي ۾ ٻانڌي بڻائي رکيو هو: ذريعا

بازيابي لاءِ ڌاڙيلن ڪيس تشدد ڪرڻ واري آڊيو وائرل ڪري ڏهه لک پئنگ به طلب ڪئي هئي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) 15 ڏينهن اڳ جمال ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ مولوي غلام رسول بجاراڻي پرسان مبينا اغوا ٿي ويل غوثپور واسي نجي ٽي وي جو ڪيمرا مين سڄڻ ميراڻي ڌاڙيلن جي چنبي مان ڀڄي آيو آهي مغوي سڄڻ ميراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سجاول ۾ ڳوٺ بچل رند جي رهواسي محمد اسحاق رند پاران احتجاجي مظاهرو

بچل رند جي رهواسي محمد اسحاق رند سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

بااثر ماڻهن مامون رند ايوب رند پيرو رند جيڪي بلاجواز جاني دشمن بنجي ويا آهن: الزام

سجاول (ڊ ن) ڳوٺ بچل رند جي رهواسي محمد اسحاق رند جو سورج سجاولي پريس ڪلب ۾ احتجاج تفصيلن موجب ڳوٺ بچل رند جي رهواسي محمد اسحاق رند سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سجاول: ڳوٺ بچل رند جو رهواسي محمد اسحاق رند پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي

غوثپور پرسان ميرواهه بس اسٽاپ واري لاڙي پرسان تيز رفتار ٽرڪ ۽ ڪار ۾ ٽڪر

واهه بس اسٽاپ واري لاڙي پرسان پنجاب کان سکر ويندڙ تيز رفتار ٽرڪ جو ٽڪر ٿيو

ڳوٺ راڄ غوث بخش بجاراڻي جو رهواسي ڊاڪٽر ايوب لاشاري ٿڏي تي فوت ٿي ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر پرسان مٿن انڊس هاءِ وي تي ميرواهه بس اسٽاپ واري لاڙي پرسان پنجاب کان سکر ويندڙ تيز رفتار ٽرڪ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي ملازم يونين جو اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

اجلاس ۾ يونين جي عهديدارن سميت ميونسپل جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ميونسپل ملازمن سان ٿيندڙ ناجائزين ڪنهن به صورت برداشت نه ڪنداسين: ڪاشف حسين پناهڻ

خيرپور (رپورٽر) ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي ملازم يونين جو اجلاس يونين جي صدر ڪاشف حسين پناهڻ عرف لالا مون جي صدارت هيٺ ٿي گذريو، اجلاس ۾ يونين جي عهديدارن سميت ميونسپل جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

گهوٽڪي جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ لاهور جي رهواسڻ پاران احتجاج

لاهور جي رهواسڻ سونيا ۽ مڙس نويد پناڻ جي زندگي خطري ۾ پئجي وئي

جاويد آرائين پاءِ شعيب آرائين مان جان کي خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: ناري

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: گهوٽڪي جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ لاهور جي رهواسڻ سونيا ۽ مڙس نويد پناڻ جي زندگي خطري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ميرپور ماٿيلو: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

سيشن ڪورٽ سکر جي حڪم تي شهري جي فرياد تي ڪيس داخل

ايس ايڇ او ڪنڌرا اطهر مهر بشير ولد غلام نبي زنگيجو خلاف ڪيس داخل

عملدار مخالف ڌر جي وانگار وهندي بي گناهه حراسان ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

ڪنڌرا (رپورٽر) سيشن ڪورٽ سکر جي حڪم تي ولي محمد ولد اياز محمد زنگيجو جي فرياد تي وڪيل برادري ظهير بابر جي اڳواڻي ۾ ڪنڌرا ٿاڻي تي ٻهتا سيشن ڪورٽ سکر جو آڊر آهي ته ايس ايڇ او ڪنڌرا اطهر مهر بشير ولد غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽريزي آفيس دادو ۾ ملازمن تي استاد تنظيم پاران ڪيل مبينا حملي خلاف احتجاج

ٽريزي ملازمن مڪلي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي

عبدالغني ميمڻ، گل محمد مري، آفتاب ميمڻ، ڪامران صديقي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٺٽو (رپورٽر) ٽريزي آفيس دادو ۾ ملازمن تي استاد تنظيم پاران ڪيل مبينا حملي خلاف ٺٽي جي ٽريزي آفيس جي ملازمن مڪلي پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو: ٽريزي ملازم دادو واقعي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور پرسان ڳوٺ فيض محمد راڄپر ۾ ارڙي جا ڪلور جاري، هڪ ٻارڙي فوت

خطرناڪ وبا ڦهلجڻ سبب 10 کان وڌيڪ معصوم ٻار موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا

صحت کاتي کي پنهنجون ٽيمون موڪلي ارڙي ۾ مبتلا ٻارن کي ويڪسين ڪرائڻ جي اپيل

خيرپور (رپورٽر) خيرپور پرسان ڳوٺ فيض محمد راڄپر ۾ ارڙي جا ڪلور هڪ ٻارڙي فوت، خطرناڪ وبا ڦهلجڻ سبب 10 کان وڌيڪ معصوم ٻار موذي مرض ۾ مبتلا، صحت کاتو اگهور ننڊ ستل، ڪيترن ئي ٻارن جي حالت ڳڻتي جوڳي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين ۾ شهرين جا کيسا ڪتريندڙ 2 ٻشني سوگها، ٺاهوڪي ڪٽڪر ڪيڏيو ويو

ڪارروائي دوران ماڻهن موقعي تي ٻنهي چورن کي جهلي ورتو ۽ ٽيڪ ٽاڪ سٽڪر ڏنو

15000 ڪيش ۽ 3 ٽچ موبائيل برآمد ٿيا جيڪي چوري ڪيل سامان هو پوليس حوالي

بدين (رپورٽر) ٻه موالي چور ڊاڪٽر ناظر جي اسٽور تي آيا جتي هتن ماڻهن جا کيسا ڪٽڻ شروع ڪيا جنهن تي ماڻهن موقعي تي ٻنهي چورن کي جهلي ورتو ۽ ٽيڪ ٽاڪ سٽڪر ڏنون جنهن بعد ڊاڪٽر ناظر پنهنجي اسپتال تي وٺي ويو جتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ميرپور ماٿيلو پرسان سوپارو لاشاري ۾ پلاٽ جي مالڪي تان لاشاري برادرين ۾ جهيڙو

گروپن جي فرحان لاشاري، رياض لاشاري، برڪت لاشاري، ۽ هڪ عورت سميت 4 ڄڻا زخمي

مخالف ڌر اسان جي گهر جي پرسان پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي: هڪ ڌر

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: دادلغاري ويجهو ڳوٺ سوپارو لاشاري ۾ پلاٽ جي مالڪي تان لاشاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٻنهي گروپن جي فرحان لاشاري، رياض لاشاري، برڪت لاشاري، ۽ هڪ عورت سميت 4 ڄڻا زخمي، زخمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميرپور ماٿيلو: ڳوٺ سوپارو لاشاري ۾ پلاٽ جي مالڪي تان ٿيل جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهن

دادو ۾ ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي ۽ زندگي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن پاران سيمينار

ڊپٽي ڪمشنر دادو جي آفيس جي دربار هال ۾ هڪ ڏينهن جو سيمينار منعقد ڪيو ويو

زندگي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جو چيئرمين محمد بخش ڪورائي، گنيش ڪمار شريڪ ٿيا

فاروق احمد سومرو، عبدالوحيد سميجو، خواجه سراءِ ضلعي دادو جي اڳواڻ فقير اسلم پنهور شرڪت ڪئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي ۽ زندگي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن پاران ڊپٽي ڪمشنر دادو جي آفيس جي دربار هال ۾ هڪ ڏينهن جو سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت پلس جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو: خواجه سراءِ جي بنيادي حقن بابت سيمينار ٿي رهيو آهي

احمدپور هاءِ اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند، سخت گرمي سبب هڪ شاگرد بيهوش

احمدپور (رپورٽر) احمدپور هاءِ اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند، سکر بورڊ پاران ٿيندڙ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي هلندڙ پيپرن دوران ٽينٽ ۾ سخت گرمي سبب هڪ شاگرد بيهوش ٿي ويو، اسپتال منتقل رپورٽ موجب احمدپور جي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ۾ بلڊنگ سميت بجلي، ٿڌو پاڻي، فرنيچر ۽ ٻين سهولتن جي کوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

لاکڙا ڪول فيلڊ جي علائقي جي کاڻ ۾ پراسرار نموني ڪي پي ڪي جو پورهيت فوت

فتح ڪول جي راجا اينڊ برادرس ليز اندر ڪوئلي جي کوٽائي دوران جهانزيب پٺاڻ بيهوش ٿي ويو

ساٿي مزدورن ڪوئلي جي کاڻ مان ڪڍي رهائش گاهه ڪٺي هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) لاکڙا ڪول فيلڊ جي علائقي جي کاڻ ۾ پراسرار نموني ڪي پي ڪي واسي پورهيت فوت تفصيل موجب لاکڙا ڪول فيلڊ جي فتح ڪول جي راجا اينڊ برادرس ليز اندر ڪوئلي جي کوٽائي دوران ڪي پي ڪي جي ضلعي شانگلا جو رهواسي 48 ورهين جو جهانزيب پٽ عبدالمجيد پٺاڻ بيهوش ٿي ويو جنهن کي ساٿي مزدورن ڪوئلي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

گهارو ۾ محب وطن شهرين پاران استحڪام پاڪستان ريلي، شهري شريڪ ٿيا

ڊاڪٽر طارق آرائين، عبدالغفور جاکرو، ايس ايڇ او گهارو ممتاز علي بروهي پاران اڳواڻي

وطن عزيز پاڪستان تي هر وقت ملڪ دشمن قوتون پروپيگنڊا ڪنديون رهن ٿيون: اڳواڻ

صالح محمد چانڊيو، فيض محمد ٿهيم، روشن چانڊيو ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

گهارو (بشام جوکيو) گهارو ۾ محب وطن شهرين پاران استحڪام پاڪستان ريلي اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس گهارو کان ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي ڊاڪٽر طارق آرائين، عبدالغفور جاکرو، ايس ايڇ او گهارو ممتاز علي بروهي، خالد عزيز جتوئي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته وطن عزيز پاڪستان تي هر وقت ملڪ دشمن قوتون پروپيگنڊا ڪنديون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گهارو: محب وطن شهرين پاران استحڪام پاڪستان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪوٽڙي سڪندرآباد محلا جي رهواسڻ بيواهه پاران ويڳڻ پاٿرن خلاف احتجاج

دادو (رپورٽر) ڪوٽڙي سڪندرآباد محلا جي رهواسڻ بيواهه مسمات ملڪ زال لقمان ڦمبراڻي دادو پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو دانهيو ته 2018 کان والد جي ملڪيت مان پاٿرن کان حصو وٺڻ لاءِ دادو سول ڪورٽ ۾ والد ڪيس داخل ڪيو عدالت سگهوري منهنجي حق ۾ فيصلو ڏنو عدالت جي حڪم تي دادو سٽي سروير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر جي سيشن ڪورٽ مان حاضري تان واپس ايندي هٿيار بندن هٿان نوجوان قتل

هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ نوجوان شديد زخمي ٿيو سول اسپتال پهچڻ بعد فوت ٿي ويو

پوليس مارجي ويل نوجوان پرويز ڪوڪر جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

قتل ٿي ويل نوجوان سيشن ڪورٽ سکر جي عدالت ۾ حاضري بعد واپس وڃي رهيو هيو

سکر (امداد علي گل ڪلو) سکر جي سيشن ڪورٽ مان حاضري تان واپس ايندي ڄڻن هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ نوجوان شديد زخمي سول اسپتال پهچڻ بعد فوت جوابدار فرار لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو تفصيل موجب، پراڻي خوني تڪرار جي پلاند لاءِ ڪاٺو جي ڄڻن ديرو واسي نوجوان پرويز علي ڪوڪر پٽ باغ علي ڪوڪر سيشن ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

واره تحريڪ انصاف ڪارڪنن پاران اڳوڻي وزيراعظم جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

پاڪستان تحريڪ انصاف جي سڏ تي واره ۾ به پارٽي ڪارڪنن طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اڳواڻن اظهر حسين اميراڻي، سعدالله چانڊيو، عاشق علي چولياڻي ۽ ٻين ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

پي ڊي ايم حڪومت ان کي غيرقانوني گرفتاري ڪرائي ملڪ جو وڏو نقصان ڪرائڻ ٿي چاهي: مظاهرين

واره (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) واره تحريڪ انصاف چيئرمين اڳوڻي وزيراعظم پاڪستان عمران خان جي گرفتاري خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف جي سڏ تي واره ۾ به پارٽي ڪارڪنن طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي تعلقه پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

واره: اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري خلاف ڪارڪنن احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپور ماٿيلو ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران احتجاج

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: اڳوڻي وزير اعظم پاڪستان عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ پي ٽي آءِ ڪارڪنن روڊن تي نڪري آيا، احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو، وفاقي حڪومت خلاف ڇتي نعريبازي، عمران خان جي گرفتاري دهشتگردي آهي، جيڪا هرگز قبول نه هوندي، عمران خان کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي، ٻي صورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

اسان چاهيون ٿا ته معاشري ۾ يتيم ٻار باشعور شهري بڻجي وڃي: زبير حفيظ شيخ

جماعت اسلامي سکر سکر جي شهرين جي ڀلائي لاءِ هڪ ٻيو وڏو قدم شروع ڪري ڇڏيو آهي

مرڪز 33 مهراڻ مرڪز ۾ ڊيسڪ قائم ڪئي وئي آهي، توهان پاڻ جا جنهن اوهان رجسٽر ڪرائڻ چاهيو ٿا

اهي ٻار پڙهندا ۽ اڳتي وڌندا ۽ پنهنجي ڪردار ۽ صلاحيتن سان ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪندا: ڳالهيون

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلو) امير جماعت اسلامي سکر زبير حفيظ شيخ چيو آهي ته اسان چاهيون ٿا ته معاشري ۾ يتيم ٻار باشعور شهري بڻجي وڃن. تفصيل موجب جماعت اسلامي سکر پاران سکر جي شهرين جي ڀلائي لاءِ هڪ ٻيو وڏو قدم شروع ڪري ڇڏيو آهي يتيم ٻارن کي قابل بڻائڻ لاءِ تعليمي اسڪالر شپ پروگرام شروع ڪيو ويو آهي، جماعت اسلامي سکر جي امير زبير حفيظ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

عرضي پنو ۾ صحافي سعيد پنو جي بي گناهه قتل ڪيل پاءُ نوجوان جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

شيراز پنو جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف ڪراچي پوليس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شفقت نوناري، ماجد سمون، باغي ساگر، ساجد مغل، ڊاڪٽر عليم ميمڻ، نظير بهار وڏو پاران سخت نعريبازي

سجاول جوڻيجو پوليس ايف آئي آر داخل ڪرڻ باوجود قاتلن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي: مظاهرين جو الزام

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) 22 ڏينهن اڳ ڳوٺ عرضي پنو ۾ صحافي سعيد پنو جي بي گناهه قتل ڪيل پاءُ نوجوان شيراز پنو جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف ڪراچي پوليس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين آفتاب مغيري، شفقت نوناري، ماجد سمون، باغي ساگر، ساجد مغل، ڊاڪٽر عليم ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي: مقتول نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ ملاح فورم جي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي پاران فوتي نينگر جي وارثن سان تعزيت

ٺٽو (رپورٽر) سنڌ ملاح فورم جي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ڏاڏا محمد آدم گندرو، ضلعي ٺٽي جي صدر محمد ايوب ملاح، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، وڪيل علي حسن ملاح، خالد شيخ، حبيب الله ملاح ۽ ٻين ميرپور ساڪرو لڳ رئيس علي بخش هديو ۾ پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪمشنر شهيد بينظيرآباد جي صدارت هيٺ امڪاني برساتن ۽ ٻوڏ جي انتظامن بابت اجلاس

گهربل انتظامن کي يقيني بنائڻ لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس اڄ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ ٿي گذريو

عملدار گذريل برساتن ۽ ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي عوام جي جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ تياري ڪن: ڪمشنر

عملي جي مقرري لاءِ پڻ ڪانٽيجنسي پلان جوڙي ڊي سي آفيس ۾ جمع ڪرائين، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي

نوابشاهه (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ جي صدارت هيٺ ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ امڪاني برساتن ۽ ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي گهربل انتظامن کي يقيني بنائڻ لاءِ هڪ اجلاس اڄ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ ٿي گذريو ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنر محمد عباس بلوچ چيو ته گذريل سال ٻيل تيز برساتن ۽ ٻوڏ سبب سنڌ جي ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 10 مئي 2023 ع

تعليمي معيار، امتحان ۽ ڪاپي ڪلچر

سنڌ ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جا امتحان هلندڙ آهن. امتحانن ۾ ڪاپي عروج تي آهي. امتحان مسخري بڻجي رهجي ويا آهن. توڙي جو امتحانن دوران قلم 144 لاڳو ڪيو ويندو آهي. جنهن سان ڪنهن حد تائين ٻاهرين مداخلت ۾ ته گهٽتائي ايندي آهي، پر امتحاني سينٽرن اندر کلئي عام ڪاپي ٿئي ٿي. اهي زمانا ويا، جڏهن شاگردن کي سوالن جا جواب ٻاهران (يا امتحان هال اندر) پنن تي لکيل (يا ڇپيل) ملندا هئا. هاڻي ته ٽيڪنالاجي اهو ڪم به وڌيڪ سهل ڪري ڇڏيو آهي. موبائل فون ۾ واٽس ايپ تي شاگردن کي سڄو امتحاني پيپر حل ٿيل ملي ٿو وڃي. باقي شاگردن کان امتحان هال ۾ موبائل فون کسڻ جو جوکم امتحاني ڊيوٽي ڪندڙ استاد ناهي کڻي سگهندو.

سنڌ ۾ تعليم جو معيار ڪهڙو آهي، ان جي پروڙ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي تازي رپورٽ مان ئي پئجي وڃي ٿي. پرائيويٽ سيڪٽر کي وڌڻ ويجهڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سرڪاري شعبي جي تعليم کي هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي. سرڪاري اسڪول ٻارڙن لاءِ قيد خانا بڻيل آهن، جتي انهن کي ڏينهن جا ڪجهه مقرر ڪلاڪ گذارڻا پوندا آهن. اسان انهن اسڪولن کي قيد خانا ان ڪري ٿا چئون ته نه اتي پورو فرنيچر هوندو آهي، نه بجلي، نه پاڻي ۽ نه ئي وري واش روم جي سهولت. ايتري قدر جو اڪثر اسڪولن جي چوديواري به نه هوندي آهي. اها ڳالهه انهن اسڪولن جي آهي، جن جون عمارتون آهن. جن ۾ استاد ڪجهه وقت لاءِ ئي سهي، پر ايندا آهن. باقي جيڪي اسڪول بنا عمارتن جي هلي رهيا آهن، يا وري جن اسڪولن ۾ استاد اچن ئي ڪونه ٿا، ويزا تي ويل هوندا آهن، انهن اسڪولن جي ته ڳالهه ئي "اور" آهي. ظاهر آهي ته جڏهن تعليمي عمارت جو بنياد ئي اهڙو هوندو ته ان تعليم جو ڪهڙو معيار هوندو؟ دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ اتي جون حڪومتون گهٽ سيڙپ تعليم تي ڪنديون آهن. پر اسان وٽ سرڪاري شعبي جي تعليم حڪمران ٽولن جي ترجيح ناهي رهي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته اسڪولن ۾ جديد سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن ٻار پرسڪون ماحول ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن. ان بعد مرحلو اچي ٿو نصاب جو ته ڪهڙو نصاب پڙهايو وڃي ٿو. ڇا اسان جي تعليمي ادارن ۾ جيڪو نصاب پڙهايو وڃي ٿو، اهو جديد دور جي گهرجن سان هم آهنگ آهي؟ ان کانپوءِ اها ڳالهه اهم آهي ته اهو نصاب ڪيئن ٿو پڙهايو وڃي! اسان وٽ هن وقت به جديد تدريسي طريقن بدران هڪ صدي پراڻا مدي خارج تدريسي طريقا مروج آهن. ان بعد ڳالهه اچي ٿي امتحاني سرشتي جي. قيدخانن جهڙي ماحول ۾ فرسوده تدريسي طريقن سان پڙهايل مدي خارج نصاب جو امتحان سالياني امتحاني طريقي ذريعي ورتو وڃي ٿو. جنهن ۾ شاگرد جي اهليت جي پرک سڄي نصاب مان پنجن سوالن جي جوابن سان ڪئي وڃي ٿي. ڇا سڄي مضمون مان پنجن سوالن جي جوابن سان شاگردن جي اهليت جو پتو پئجي سگهي ٿو؟ ان ڪري هر ڪو سوچي ٿو ته پنجن سوالن جي جوابن لاءِ محنت ڇو ڪجي؟ ان کان پوءِ رهيل ڪسر تعليمي بورڊ پوري ڪري ٿا ڇڏين. جتي مارڪن ۽ گريڊن جو وڪرو هاڻي ڳجهو نه رهيو آهي. اصل ڳالهه اها آهي ته اسان وٽ نصاب، تدريسي طريقن سان گڏ امتحاني سرشتو به مدي خارج ۽ ناقص آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سيمسٽر سسٽم وانگر ڪورس کي ننڍن ننڍن يونٽن ۾ ورهائي سڄو سال پڙهايو وڃي ۽ ان جا امتحان (ٽيسٽون) ورتا وڃن. صرف اهوئي طريقو آهي، جنهن سان ڪاپيءَ جي رجحان کي ختم ڪري سگهجي ٿو. اسڪولن ۾ سموريون گهربل سهولتون مهيا ڪيون وڃن. جديد تقاضائن پٽاندڙ نصاب جوڙيو وڃي ۽ ان جي تدريس لاءِ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪيو وڃي ۽ استادن جي تربيت جو اهتمام ٿيڻ گهرجي ته جيئن جديد تدريسي طريقن ذريعي بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن. امتحانن جو سيمسٽر سسٽم وانگر سرشتو جوڙيو وڃي. انهن ئي اپائن سان ڪاپي ڪلچر جو خاتمو ۽ سرڪاري شعبي جي بهتر تعليمي معيار جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

انٽرنيٽ تي جعلي خبرن جي سڃاڻپ ۽ رپورٽ ڪيئن ڪجي

محمد فاروق جو لکيل آهي

"انسان جي ڪوڙو ٿيڻ لاءِ بس ايترو ئي ڪافي آهي ته هو هر اها ڳالهه بيان ڪري جيڪو هو ٻڌندو آهي (بغير تصديق ڪرڻ)" (صحيح مسلم)

غلط ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات تي ٻڌل جعلي خبرون جيڪي انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا تي شايع ٿيل يا پکڙيل آهن، معلومات جو نقصانڪار ذريعو ٿي سگهن ٿيون. اهڙيون جعلي خبرون عام طور تي ويب سائيٽن ۽ سوشل ميڊيا اڪائونٽس/پيجز لاءِ وڌيڪ ويسٽرن يا لائيڪ حاصل ڪرڻ يا ڪنهن شخص، سرڪاري ايجنسي يا ان جي ملازمن جي ساک کي نقصان پهچائڻ جي نيت سان پکڙيل آهن. صارف اڪثر ڪري آن لائن مواد شيئر ڪندا آهن بغير ذريعن جي تصديق ڪرڻ جي. جيڪا جعلي خبرن کي نه رڳو جلدي پکيڙڻ جي اجازت ڏئي ٿي، پر "وائرل" به ٿي سگهي ٿي.

ايستائين جو ڪجهه ماڻهو بغير تصديق جي اسلامي معلومات شيئر ڪرڻ کي پنهنجو اخلاقي ۽ مذهبي فرض سمجهن ٿا. هڪ ٻيو مثال ڪورونا وائرس جي وبا جي پکڙجڻ دوران سامهون آيو آهي. ان حوالي سان سوشل ميڊيا تي صارفين کي جعلي خبرن جي حوالي سان سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن ته جعلي خبر بغير تصديق جي هر جڳهه تي پکڙيل هئي. سوشل ميڊيا تي آرٽيڪلز ۽ واٽس ايپ پيغامن ذريعي صارفين ۾ ڪورونا وائرس جي علاج ۽ ويڪسين بابت غلط معلومات پکيڙي وئي آهي. ويڪسين جي استعمال ۾ هيسٽريا جو ڪارڻ ڄاڻايو ويو آهي جيڪو زندگي لاءِ خطرو آهي. اهو پڻ ان ڪري آهي

جو ڪيترائي ماڻهو اهڙين ڪيسن ۾ غلط/جعلي خبرون، غير تصديق ٿيل مذهبي معلومات به شيئر ڪندا آهن. اهڙين حالتن ۾ ان جي سنگين نتيجن جي ڪا به آگاهي نه هوندي آهي ۽ ماڻهو نه صرف اهڙين ڳالهين تي يقين رکندا آهن. معلومات پاڻ پڙهين سان به شيئر ڪريو.

تنهن ڪري، اهڙين غلط ۽ من گهڙت خبرن کي ڪنٽرول ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته ان کي تنقيدي طور تي جانچيو وڃي ته جيئن ان کي ڪنهن به ڪميونيڪيشن جو حصو بڻايو وڃي. ان کان علاوه اهڙين خبرن جي مختلف ذريعن کان تصديق ڪئي وڃي ته جيئن ڪنهن به ابهام جي گنجائش نه رهي. جيڪڏهن جعلي خبر هڪ اسڪرين شاٽ ذريعي پکڙيل آهي، اهو ضروري آهي ته ان جي فارميٽنگ کي پهرين جانچيو وڃي. ڇاڪاڻ ته عام طور تي اهڙيون جعلي تصويرون متن ۾ اسپيلنگ ۽ ترتيب جي غلطين جو مجموعو هونديون آهن. ان سلسلي ۾، توهان کي اهو به ڏسڻ گهرجي ته تصوير تي ڪا تاريخ لکيل آهي ۽ جيڪڏهن اهو پڻ ٽائيم لائنن جي مطابق آهي يا نه. ڇاڪاڻ ته اڪثر جڏهن پراڻيون خبرون تصويرون پيهر منظرعام تي اينديون آهن. ماڻهو انهن تي تاريخ کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. انهي سان گڏ، جيڪڏهن توهان ڪنهن ماڻهو کي ڄاڻو ٿا جنهن جعلي خبر شيئر ڪئي آهي، انهن کي خبر ڏيو ته انهن جي پوسٽ ڪيل معلومات شايد صحيح ناهي ان ڪري اهي پيهر نه ڪندا. انٽرنيٽ/سوشل ميڊيا تي جعلي/جعلي خبرون پکيڙڻ هڪ جرم آهي جيڪو اليڪٽرانڪ ڪرائمز ايڪٽ (پيڪا 2016) تحت قابل سزا آهي. سزا 3 سال قيد يا 10 لک ڏنڊ يا ٻئي ٿي سگهي ٿي. لاڳاپيل انٽرنيٽ/سوشل ميڊيا (پليٽفارم) تان جعلي خبرون هٽائڻ لاءِ متاثر شخص PTAجي آن لائن شڪايت مينيجمينٽ سسٽم (سي ايم ايس) ذريعي رپورٽ ڪري سگهي ٿو معاملو PTAپاران لاڳاپيل سوشل ميڊيا پليٽ فارمن سان ورتو ويو آهي. تنهن هوندي به صارفين اهڙين شڪايتن کي فوري طور تي حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي سڌو سنئون رپورٽ ڪري سگهن ٿا جيئن اهي پليٽ فارم انهن جي پليٽ فارمن تي اهڙي جعلي / جعلي مواد جي سڌي ريت رپورٽنگ جي حوصلا افزائي ڪن ٿا ته جيئن شڪايت جي فوري ازالي لاءِ سوشل ميڊيا پليٽ فارم پڻ فوري طور تي ڪارروائي ڪري ٿو شڪايت ڪندڙن کان وڌيڪ معلومات لاءِ سڌو پڇڻ (جيڪڏهن گهربل هجي). وڌيڪ رهنمائي لاءِ پي ٽي اي جي ويب سائيٽ تي هدايتون اپلوڊ ڪيون ويون آهن ته جيئن سيني وڏن سوشل ميڊيا پليٽ فارمن تي شڪايت ڪيئن رجسٽر ڪجي. ياد رکڻ گهرجي ته خبرن ۽ معلومات جي مستند ۽ قابل اعتماد ذريعن تائين پهچ سڀ کان اهم ضرورت آهي. اهوئي سبب آهي ته PTAهميشه پاڪستاني انٽرنيٽ استعمال ڪندڙن کي انٽرنيٽ تائين محفوظ ۽ ذميوار رسائي جي حوالي سان مدد ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

***

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ پانئيس ڪيئَن:
منجهيان ٿِي مَنجهِ وڙهي، پڌر ناهِس پيئَن:
جنين ساڻس ويُر، ٿئي تنين جو واهَرُو.

ڇا اجمل ساوند جي خون سان انصاف ٿي سگهندو؟

عبدالقادر گبول

جيڪڏهن اسين روزمره جي زندگي ۾ ڏسون ته اسان جي فيملي ميمبران، ڪنهن رشتيدار يا ڪي گهرن دوستن سان ڪو اڻٽرندڙ واقعو پيش ايندو آهي يا نه انصافي ٿيندي آهي ته اسين اهڙي روش تي هڪدم آپي مان نڪري هوش وڃائي ويهندا آهيون. سڀ قانون ٽوڙي هرحال ۾ قانون کي هٿ ۾ کڻڻ جهڙا مشورا هر هر پيا سوچيندا آهيون. ۽ ڪٿي ته وري ننڍن وڏن اصولن کي هٿي هنڌ ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ لٺ جو جواب ڪهاڙيءَ واري چوٽي کي برقرار رکي لائحه عمل جوڙڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهيون. هتي حڪمران، چونڊيل نمائندن، وزيرن ۽ پوليس آفيسرن سميت، هر عام و خاص کي اهو سوچڻ گهرجي ته هڪ مهينو گذرڻ جي باوجود بي گناهه قتل ڪيل شهيد اجمل ساوند جي وارثن يا گهرڀاتين جي اڄڪلهه ڇا ڪيفيت هوندي؟ هي ڏينهن ۽ رات انهن کان ڪيئن گذرندا هوندا؟ بي گناهه نڪتل رت جي ڦوهارن جو سوچي شهيد اجمل جي والدين کي هر هر ڪيڏي نه تڪليف ايندي هوندي. تقريبن هڪ مهيني کان به مٿي جو عرصو گذرڻ بعد اجمل ساوند جي قاتلن جو گرفتار نه ٿيڻ توهان ۽ اسان جي ذهنن ۾ سوين سوال پيدا ڪري ٿو. عمومن عام طرح اسين سڀ ڏسندا آهيون ته جڏهن به سنڌ ۾ ڪو ننڍو يا وڏو واقعو يا حادثو ٿيندو آهي ته ان خلاف شروعاتي ڏينهن کان زور سان احتجاج ٿيڻ شروع ٿيندا آهن. جيڪي آهستي آهستي وقت جي گذرڻ سان گهٽجندا ويندا آهن. ۽ اڪثر اهڙا (events)ماضي جا قصا ۽ تاريخ بڻجي ويندا آهن. جنهن جو نتيجو اسان کي ڪجهه هن طرح ملندو آهي جو هن هنڌ تي فلاڻو ماڻهو پراڻي تڪرار سبب قتل ٿي ويو آهي، يا هن علائقي ۾ فلاڻ فلاڻ شخص پراڻي تڪرار سبب گولين جو کاڄ بڻجي ويا آهن. جيئن تازو عيد واري رات سکر جي مياڻي واري علائقي ۾ ٻن ڌرين جي جهيڙي سبب ڇه لاش مليا هئا. جنهن جو ڪو به واضح سبب نه ملي سگهيو آهي. انسانن جي شخصيتن کي ناهيندي يا ڪنهن به فرد کي ڪنهن عهدي يا مقام تائين پهچائڻ ۾ زندگين جيتري عرصي جو وقت لڳي وڃي ٿو ئي اجمل ساوند، جنهن ولايت ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو. ايترو جو سموري سنڌ ۾ اهو هڪ ئي شخص هو جنهن جي آرٽيفيشل انجنيئرنگ ۾ پي ايڇ ڊي ٿيل هجي. نه صرف ايترو پر هو ٻاهرين ملڪن جي آفرن کي ٺڪرائي پاڪستان جي نالي واري اداري سکر آءِ بي اي ۾ پروفيسر طور خدمتون سر انجام ڏئي رهيو هو. هن شخص کي ايتري مقام تائين پهچائڻ ۾ يقينن هن جي گهرجي فردن جون عمريون لڳيون هونديون. اهڙي هيري شخص جي بي سبب وهايل رت سان انصاف نه ٿيڻ پوليس آفيسرن ۽ لاڳاپيل ادارن کان سوين سوال پڇي رهي آهي. واضح رهي ته استاد اجمل ساوند جو قتل اڳ ۾ طئي ٿيل منصوبي تحت ڪيو ويو جنهن جا قاتل گرفتار ڪڏهن ٿيندا؟ ڪير ڪندو؟ ڪيئن ٿيندا ۽ ڪٿي ٿيندا جهڙا سوال فقط سوال ٿي رهجي ويا. ڪجهه عرصي بعد هي واقعو پراڻو ٿي ويندو جيئن هاڻي ٿيندو ٿو وڃي. ۽ ماڻهن جي واتان ماڻهن کي ٻڌايل ماضي جو قصو ۽ نيٽ تي پيل تاريخ بڻجي ويندو. الله ڪري شل ائين نه ٿئي. پر پوليس جي ڪيل شروعاتي قدمن مان اسان ۽ توهان کي اهو محسوس ٿي رهيو آهي. ڇو جو قتل ڪيس ۾ گهربل ڏهن جوابدارن مان ڪو هڪ به اڃا تائين پوليس جي هٿ نه اچي سگهيو آهي. شهيد اجمل ساوند جو قتل سموري سنڌ، استادن، شاگردن ۽ وڪيلن سميت هر شعور رکندڙ شخصيتن کي سوڳوار ڪيو هو. جنهن جي نتيجي ۾ هر ننڍن وڏن شهرن، هر مڪتبه فڪر جي ماڻهن سول سوسائٽي ۽ سوشل ورڪرز سميت سياسي پارٽيز به احتجاجن ۾ ڀرپور حصو وٺنديون رهيون. ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي جي تاريخ ۾ اهو ڀرپور احتجاج هو جنهن ۾ سياسي، سماجي، سول سوسائٽي، صحافين، ليکڪن، اديبن، شاعرن، فنڪارن، وڪيلن، عورتن، ٻارن شاگردن ۽ مزدورن سميت زندگي جي مختلف شعبن سان سلهاڙيل ماڻهن سميت هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي پوءِ به ڪارڪردگي اها آهي جو نامزد ٿيل جوابدارن مان ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو آهي. پوليس جو جوابدارن کي رعايت ڏئي گرفتار نه ڪرڻ يا گرفتار نه ڪري سگهڻ جو نتيجو ڇا نڪرندو اهو توهان ۽ اسان جي سوچ کان به ٻاهر جو ٿي سگهي ٿو پڙهيل لکيل ۽ فقيري طبيعت جي شخصيت رکندڙ يورپ ۽ آمريڪا کي ڇڏي سنڌ کي ترجيح ڏيندڙ بين الاقوامي حيثيت واري ڊگري رکندڙ شهيد اجمل جو قتل ڪنهن هڪ فرد، خاندان، گهر، ڳوٺ يا شهر جو نقصان نه آهي، بلڪ اسان سمورن سنڌ واسين ۽ سموري ملڪ جو نقصان آهي. جيڪڏهن استاد اجمل جا قاتل آزاد رهيا ۽ قانوني گرفت ۾ اڄ ڪان آجا رهيا ته مستقبل ۾ اسان سيني جو اجا به وڌيڪ نقصان ٿيڻ جو خدشو آهي. "انگريزن کي پڙهائيندو آهيان، هڪ ڪلاڪ جا پاڪستاني ٽيه هزار ملن ٿا، مان پنهنجن کي پڙهائيندس." جهڙا شهيد اجمل جا چيل جملا تاريخ ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي. شهيد اجمل جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل آهي. توهان ۽ اسان جي نسلن جي مستقبل جو قتل آهي. جنهن جي خون سان انصاف ڪرڻ سنڌ جي حڪمرانن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ انصاف فراهم ڪندڙ ادارن جو فرض آهي.

بقايا 01 ***

گرفتار ڪيو ويو آهي.ڪراچي ۾ احتجاج دوران پوليس ۽ ڪارڪنن ۾ ڇڪريون ٿيون. مظاهرين رينجرز چوڪي سوڌو عام ماڻهن جي گاڏين کي باهه ڏئي ڇڏي.شاهراهه فيصل، سهراب ڳوٺ ۽ گورا قبرستان سوڌو بحريه ٽائون آڏو موٽروي بلاڪ هجڻ سبب ٽريفڪ معطل آهي.حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، نواب شاهه، ٽنڊو محمد خان، دادو، ٽنڊو الهيار ۽ ٻين شهرن ۾ به احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا.پي ٽي آءِ ڪارڪن ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪيا، پوليس مختلف شهرن مان پي ٽي آءِ جا ڪيترائي ڪارڪن گرفتار ڪري ورتا آهن.ڪراچي ۾ رينجرز چوڪي کي باهه ڏني وئي، لاهور ۾ ڪور ڪمانڊر هائوس تي پي ٽي آءِ ڪارڪن ڪاهه ڪري ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ سامان کڻي ويا.ڪراچي، لاهور، فيصل آباد، ملتان، گجرانوالا، رحيميار خان، راولپنڊي، ڪوئيٽا، پشاور ۽ ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ به احتجاج دوران پي ٽي آءِ ڪارڪن ۽ پوليس آمهون سامهون آهن

بقايا 02 ***

ڪرڙيپو 20 ڪلو ٿيلهي جي قيمت هاڻ 2800 روپيه ٿي وئي آهي.مارڪيٽ ذريعن موجب مئي ۾ هينئر تائين 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 200 روپيه مهانگو ٿي چڪو آهي.

بقايا 03 ***

گرفتار ڪيو ويو ۽ نيب عملدارن وٽ سندس گرفتاري جا وارنٽ موجود هئا. آءِ جي اسلام آباد جو چوڻ آهي ته عمران خان کي القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي، اسلام آباد ۾ قلم 144لاڳو آهي، پڪڙ تي ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته عمران خان کي نيب راولپنڊي منتقل ڪيو ويو جتي سندس طبي معائنو ڪيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته عمران خان جي گرفتاري جون اڳ تياريون هيون ۽ سندس لاءِ هڪ هفتو اڳ ئي ڪمرو تيار ڪيو ويو هو. عمران خان جي گرفتاري جي وقت قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار ۽ وڪيل هٿين پئجي ويا جنهن سبب پوليس اهلڪار ۽ وڪيل زخمي به ٿيا.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق عمران خان جي گرفتاري تي پيش آيل واقعي جو نوٽيس ورتو.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق آءِ جي اسلام آباد ۽ گهرو سيڪريٽري کي 15 منٽن ۾ طلب ڪيو ۽ ايڊيشنل اٽارني جنرل کي به 15 منٽن ۾ پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي.چيف جسٽس هدايت ڪئي ته هدايتون وٺي فوري ٻڌايو ته اهو ڪم ڪنهن ڪيو آهي؟جسٽس عامر فاروق چيو ته ڪارروائي ڪرڻي پئي ته وزيراعظم ۽ وزيراعظم خلاف به ٿيندي.قومي احتساب بيورو طرفان عمران خان جا گرفتاري وارنٽ پهرين مئي تي جاري ٿيا هئا، عمران خان جا وارنٽ نيب چيئرمين جي صحيح سان جاري ٿيا.

بقايا 04 ***

احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڇڏيا، جنهن سبب عوام سخت تڪليفن کي منهن ڏنو.عمران خان جي گرفتاري خلاف ڪراچي ۾ به احتجاج ڪيو ويو.پي ٽي آءِ ڪارڪنن شاهراهه فيصل تي ٽريفڪ جي رواني بند ڪري ڇڏي ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي، جنهن سبب گاڏين جو ڊگهيون قطارون لڳي ويون، پوليس شاهراهه فيصل ڪولرائٽ ڀرسان ۽ شيلنگ به ڪئي وئي.

بقايا 05 ***

ڪئي. عدالت گهرو سيڪريٽري جي غير حاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو.چيف جسٽس چيو ته ڪيو ته ٻڌايو ڪهڙي ڪيس ۾ گرفتاري ڪئي وئي؟ ڪارروائي ڪرڻي پئي ته وزيراعظم ۽ وزيرن خلاف به ٿيندي.آءِ جي اسلام آباد نيب جي وارنٽ جي ڪاپي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪئي.عمران خان جي وڪيل چيو ته تحريڪ انصاف چيئرمين کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي.

بقايا 06 ***

چيو ته عمران خان صرف فوج جي اعليٰ آفيسرن کي بدنام نه پيو ڪري پر هو سموري اداري کي بدنام ڪري رهيو آهي.اڳوڻي جج شوڪت صديقي جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڳاڙهو دائرو لڳائڻ جي ڳالهه عمران خان پاڻ ڪئي هئي ڪيڏو به سنگين الزام هجي پر جيڪڏهن ان جو ثبوت نه هوندو ته اهو عدالت ۾ بي معنيٰ هوندو.

بقايا 07 ***

ڪندي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو ته هن وقت قوم جي سيني کان وڏي پارٽي جو اڳواڻ آهيان ۽ 50 سالن کان قوم مون کي سڃاڻي ٿي، مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ضرورت نه آهي هي منهنجي فوج ۽ منهنجو پاڪستان آهي.عمران خان چيو ته آءِ ايس پي آر بيان ڏنو آهي ته مون اداري جي توهين ڪري ڇڏي آهي. فوج جي توهين ڪئي آهي، مون صرف هڪ انٽيليجنس آفيسر جو نالو ورتو جنهن مون کي 2 ڀيرا قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته آءِ ايس پي آر صاحب! منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌو، عزت صرف هڪ اداري جي نه آهي. عزت قوم جي هر شهري جي هجڻ گهرجي. هن وقت قوم جي سيني کان وڏي پارٽي جو اڳواڻ آهيان. مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ضرورت نه آهي.اڳوڻي وزيراعظم چيو ته انهي ماڻهو مون کي 2 ڀيرا قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن به جاچ ٿيندي ته مان اهو ثابت ڪندس ته اهو ساڳيو ماڻهو هو ۽ ان سان گڏ پورو ٽولو هو. انهي سان گڏ بيو ڪير هو اها به قوم کي خبر آهي. سوشل ميڊيا جي دور ۾ سيني کي خبر آهي ته اهو ڪير آهي.هن چيو ته منهنجو سوال آهي ته ڇا هڪ ملڪ جو اڳوڻو وزيراعظم هڪ ايف آءِ آر به نٿو ڪٽرائي سگهي.ڇو ته ان ۾ ان ماڻهو جو نالو شامل آهي، سچ ۽ ڪوڙ جي ته تڏهن خبر پوندي جڏهن جاچ ٿيندي. ايف آءِ آر ان جي خلاف ٿيندي جيڪڏهن هو بي قصور آهي ته سامهون اچي.

بقايا 08 ***

ڊائون شروع ڪري ڇڏيو ڪارڪنن عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ هاءِ وي بلاڪ ڪري ڇڏيو هو. سري نگر هاءِ وي بلاڪ ڪرڻ تي 20 کان وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو ياد رهي ته ڪجهه دير اڳ نيب القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي احاطي مان گرفتار ڪيو هو.سيڪيورٽي ذريعن موجب عمران خان کي ليگل وارنٽ ڏيکاري گرفتار ڪيو ويو. عمران خان سان سيڪيورٽي اهلڪارن ڪا به بدتميزي ناهي ڪئي. نيب چيئرمين پهرين مئي تي عمران خان جي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا هئا ٻئي طرف چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جسٽس عامر فاروق چيو آهي ته عمران خان کي جنهن به گرفتار ڪيو آهي اهو غلط آهي. عمران خان جي ضمانت واري درخواستن تي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس عامر فاروق آءِ جي اسلام آباد کي 15 منٽن ۾ طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا 09 ***

رهيو آهيان، سينئر ليڊرشپ ۽ 6 رڪني ڪميٽي جو اجلاس گهرايو آهي. هن چيو ته عوام کي نڪرڻو پوندو ۽ هن چور ٽولي جو مقابلو ڪرڻو پوندو، سيني کي چوان ٿو ته گهرن مان نڪرو، اسان کي ڪنهن تي حملو ناهي ڪرڻو ۽ سرڪاري ملڪيتن کي نقصان ناهي پهچائڻو سندس چوڻ هو ته اسان کي پرامن جدوجهد ڪرڻي آهي، ان جبر خلاف سڄي ملڪ ۾ نڪرڻو پوندو. عمران خان جي هدايت سامهون رکندي حڪمت عملي جو اعلان ڪندس.

بقايا 10 ***

خالد مقبول صديقي چيو ته عمران خان حساس ادارن جي آفيسرن تي ڪنهن جي ايجنڊا تحت تي الزام لڳائي رهيو آهي؟ هن چيو ته عمران خان سياسي مقصدن لاءِ ملڪ جي سلامتي کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي.

بقايا 11 ***

ڪمري ۾ ويهي هڪ ٻئي جا خدشا ٻڌن.هڪ انٽرويو ۾ اسد عمر چيو ته ٿي سگهي ٿو جنرل عاصم منير تائين پهچندڙ خبرون سچ نه هجن ۽ عمران خان کي جيڪي ڳالهيون ٻڌايون پيون وڃن اهي حقيقت تي ٻڌل نه هجن.اسد عمر وڌيڪ چيو ته سندس اها تجويز پارٽي موقف نه پر سندس پنهنجو خيال آهي پر ان تي ڪنهن کي به اعتراض نه هوندو.

بقايا 12 ***

موجب پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتون گهٽ ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي. سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 50 سيڪڙو ۽ پينشن ۾ 30 سيڪڙو واڌ ڪئي ويندي. پورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ پگهار 40 هزار روپيه ماهوار ڪئي ويندي. جون جي ٻئي هفتي ۾ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار قومي اسيمبلي ۾ بجيٽ پيش ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو آهي. وزيراعظم ۽ اتحادين جي مشاورت سان حتمي فيصلو ڪيو ويندو نئين بجيٽ جي تياري ۾ آءِ ايم ايف جي خدشن کي به آڏو رکيو ويندو. اتحادي پارٽين سان گڏ ترقياتي فنڊن تي به اهم فيصلا ڪيا ويندا.

بقايا 13 ***

خان مٿان داخل ڪيسز ڊاڪيومينٽڊ آهن. ٻين تي الزام لڳائيندڙ پاڻ ڪرپشن ڪري رهيو هو گهرو وزير چيو ته نيب ۾ عمران خان خلاف جاچ هلي رهي هئي جنهن ۾ 50 ارب روپيه قومي ناڻي کي نقصان جو معاملو آهي. القادر ٽرسٽ ۾ 5 ارب روپيين جي ملڪيت عمران خان جي نالي تي آهي. صحافي طرفان سوال ڪيو ويو ته جاچ کان اڳ گرفتار ڇو ڪيو ويو؟ سوال جو جواب ڏيندي راڻا ثناءالله چيو ته اها ڳالهه صحيح آهي ته سمورو معاملو دستاويزن ۾ آهي. ڪجهه وقت اڳ دستاويز پيش ڪيا هئا جنهن جو اڄ تائين جواب ناهي ڏنو ويو هن چيو ته جيڪڏهن عمران خان جاچ ۾ شامل ٿئي ها ته ڪيس گرفتار ڪرڻ کان سواءِ ريفرنس عدالت ۾ پيش ٿي سگهيو ٿي. ڪيترائي ڀيرا نوٽيس جي باوجود عمران خان پيش ٿيڻ کان انڪار ڪيو لکت ۾ به جواب ناهي ڏنو ويو عمران خان جي گرفتاري جو دفاع ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته قومي ناڻي کي 50 کان 60 ارب روپيين جو نقصان پهچايو ويو جيڪڏهن اهو الزام لڳايو ويندو ته اوهان گرفتار ڇو ڪيو ۽ جاچ ڇو ڪئي ته اهڙي قسم جي ذهن کي ڪيئن ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو گهرو وزير چيو ته ٻين تي الزام لڳائيندڙ پاڻ ڪرپشن ڪري رهيو هو. توشه خاني ۾ ڪروڙين، اربين روپيه وصول ڪري رهيو هو ان کان علاوه عمران خان خلاف ٻين به ڪيترين جڳهين تي جاچ هلي رهي هئي. هڪ سوال تي راڻا ثناءالله چيو ته جيڪڏهن سپريم ڪورٽ ۾ ڪجهه غلط ٿيو آهي، عدالت کي جيڪو به ڪرڻو آهي ڪرڻ گهرجي. عدالت سڳوري کي مني لانڊرنگ جو پئسو اڪائونٽ ۾ جمع نه ڪرڻ گهرجي ها.عدالت طرفان وزيراعظم ۽ حڪومت خلاف ڪارروائي بابت سوال تي گهرو وزير چيو ته اسان جي خلاف ڪهڙي شيءِ جي ڪارروائي ٿيندي. جيڪڏهن اسان جي خلاف ڪجهه به ٿيو ته اسان پنهنجو موقف سامهون رکڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا 14 ***

جي ڀيڻ نورين نيازي چيو ته عمران خان ٿيندڙ ظلم کي رب ڏسي رهيو آهيان هن ظلم جو بدلو رب هنن کان ضرور وٺندو هن چيو ته حڪومت منصوبه بندي سان عمران خان کي گرفتار ڪيو آهي. عمران خان ملڪ لاءِ جيڪو ڪيو آهي اهو قائداعظم کان پوءِ ڪنهن به ناهي ڪيو. نوازشريف ۽ ٻين تي بدعنواني جا ڪيس هئا، عمران خان تي ملڪ جو نالو لٽڻ جو ڪوبه ڪيس نه آهي.عمران خان جي ڀيڻ عظمي خان چيو ته عمران خان کي اغوا ڪيو ويو آهي. عمران خان کي بنا گرفتاري وارنٽ جي گرفتار ڪيو ويو، عوام ڪيستائين گهرن ۾ ويهندو هاڻ ڪين ٻاهر نڪرڻ گهرجي. عمران خان گرفتاري لاءِ ذهني طور تي تيار هو.

بقايا 15 ***

بئنڪ ۾ ڊالر 15 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ اڄ 284 رپيا 28 پئسا تي ويو آهي. ڪالهه انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 283 رپيا 85 پئسا تي بند ٿيو ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ رپيو مهانگو ٿيڻ ڪان پوءِ 289 رپيا تي ويو آهي.پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ منفي ڪاروباري رجحان ڏٺو ويو آهي.پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 298 پوائنٽن جي گهٽتائي سان 41 هزار 531 تي پهچي ويو ڪالهه 100 انڊيڪس 41 هزار 829 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا 16 ***

ته جيئن عوام جي خوشحالي ۽ ڀلائي لاءِ واپار ۽ ڪاروبار کي فروغ ڏئي سگهجي. واپار بابت افغاني وزير سان گڏ ٽرانسپورٽ وارو ڊپٽي وزير صادق الله عابد، واپار، ٽرانسپورٽ ۽ هوابازي جا سينئر افغان عملدار ۽ افغانستان ۾ پاڪستاني سفير عبيدالرحمان نظاماڻي به ساڻس گڏ هئا. ملاقات ۾ صوبائي وزيرن ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، جام اڪرام الله، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري فياض جتوئي پڻ شرڪت ڪئي. وڏي وزير وفد جي آجيان ڪئي ۽ ڪراچي ۾ رهندڙ افغانين، امن امان، واپار ۽ ڪاروبار جي فروغ سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان ٻئي ملڪ پاڙيسري ملڪ آهن ۽ پاڪستان خاص ڪري ڪراچي افغان شهرين جو ٻيو گهر آهي. افغان وزير نورالدين چيو ته هن ڀيري عيدالفطر گذريل ڪجهه سالن جي ڀيٽ ۾ واحد عيد هئي جو افغانستان ۾ ڪو به اڻ وڻندڙ واقعو پيش نه آيو. اسان جي ماڻهن عيد مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهائي ۽ تفريحي سرگرمين جو لطف ماڻيو هن وڌيڪ چيو ته افغانستان ۾ امن جو دور واپس اچي ويو آهي ۽ اهو امن عوام جي زندگين ۾ خوشحالي آڻيندو. افغانستان جي واپار واري وزير چيو ته پاڪستان سندس گهر وانگر آهي جيڪو اسان جي عوام جي وڏي عرصي کان ميزباني ڪري رهيو آهي. هن چيو ته اسان جا ماڻهو اڪثر ڪراچي ۾ علاج، سماجي ۽ ڪاروباري سرگرمين لاءِ ايندا آهن. هن وڌيڪ چيو ته امن امان جي بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪنداسين. هن وڌيڪ چيو ته پرڏيهي وزير امير خان متقي پاڪستان ۾ پنهنجي هم منصب بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ۾ مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ امن جي فروغ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڪراچي بندرگاهه ڏکڻ ايشيا جي سڀ کان وڏي ۽ مصروف ترين سمنڊ جي بندرگاهن مان هڪ آهي جنهن مان ملڪ جو 60 سيڪڙو ڪارگو سامان ويندو آهي. هن چيو ته هي افغانستان لاءِ بهترين واپاري رستو آهي. ان تي افغان وزير چيو ته هو واپار جي فروغ بابت ڪراچي ۽ گوادر بندرگاهن جو دورو ڪندو. مراد علي شاهه وفد کي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپيون پيش ڪيون ۽ افغانستان جي عوام لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 17 ***

ڪميٽي حوالي ڪيو ويو آهي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر بل تي ڪميٽي رپورٽ 7 ڏينهن ۾ طلب ڪري ورتي. قومي اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس دوران قومي اسيمبلي ميمبر راڻا قاسم نون طرفان بل پيش ڪيو ويو بل پيش ڪندي راڻا قاسم نون چيو ته بدقسمتي سان ڪمزور ماءُ ڪمزور اولاد جو سبب بڻجندي آهي. جيتري بي حرمتي هن ايوان جي ٿي ان کان اڳ ڪڏهن به ناهي ٿي. هن ايوان ۾ گذريل دور ۾ لعنتون وسايون ويون. ميڊيا ۾ اسان جو ٽرائيل ۽ پارليامينٽ کي اندر مان ڪيو ويندو آهي. هن پارليامينٽ جي عزت هوندي ته سيني جي عزت هوندي. پارليامينٽ جي بي حرمتي تي سزا ۽ جزا هجڻ گهرجي.قانون بابت مملڪتي وزير شهادت اعوان چيو ته هي اهم نوعيت جو بل آهي ۽ هن بل کي وڌيڪ غور جي لاءِ قانون ۽ انصاف ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو. قانون ۽ انصاف ڪميٽي هڪ ڏينهن ۾ رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪندي. پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير مرتضيٰ جاويد عباسي به بل ڪميٽي ڏانهن اماڻڻ جي حمايت ڪئي پر اپوزيشن اڳواڻ بل ڪميٽي حوالي ڪرڻ جي مخالفت ڪئي ۽ چيو ته اهو اسان جي عزت جو مسئلو آهي. ڪميٽي ڏانهن نه اماڻيو وڃي. شيخ روحيل اصغر چيو ته هاڻ وزير صاحبان پنهنجي نوڪري پڪي ڪرڻ لاءِ چئي رهيا آهن ته ڪميٽي ڏانهن اماڻي ڇڏيو هن وقت سمورو ايوان هن وزيرن کان علاوه ڪيترائي ماڻهو چون ٿا ته معاملو ڪميٽي ڏانهن اماڻي ڇڏيو. ليگي اڳواڻ جاويد لطيف چيو ته هاڻ مٿي وڃهو ۽ اڳيان هلو واري پاليسي نه هلندي. ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ۽ نوازشريف کي نااهل ڪري اڳيان وڌڻ جو چيو ويو اسان کي ڪڏهن بندوق وارا ته ڪڏهن هٿوڙي وارا جهلي وٺندا آهن. هن چيو ته ماضي ۾ اسپيڪر رڪارڊ سپريم ڪورٽ ڏانهن اماڻي توهين پارليامينٽ ڪئي هئي. مسئلو اهو آهي ته ڪيستائين ملڪ جو نقصان ٿيندو رهندو ۽ اسان مٿي وڃهندا رهنداسين. ڀٽو کي ڦاهي ڏني وئي ته چيو ويو ته مٿي وڃهو اڳيان هلو. نوازشريف تاحيات نااهل ٿي ويو تڏهن به چيو ويو ته مٿي وڃهو اڳيان هلو ليگي اڳواڻ چيو ته هن هائوس مان ادارن کي روشني ملندي آهي، ان باوجود هن هائوس جي عزت ڇو پامال ٿيندي آهي. ايوان فيصلو ڪيو آهي، راءِ ڏني آهي ان ڪري هن معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي. جيڪڏهن ڪسٽوڊين هن ڳالهه جو اسٽينڊ نه وٺندو ته ڪير وٺندو؟ ڪيئن تقدس بحال ٿيندو. قانون ۽ انصاف واري وزيراعظم نذير تارڙ چيو ته توهين پارليامينٽ بل قانون ۽ انصاف ڪميٽي ڏانهن وڃڻ گهرجي. راڻا قاسم نون جي سٺي ڪوشش آهي ته اهو ڪم اڳ ئي ٿيڻ گهرجي ها، اداري جي بالادستي لاءِ قانونسازي ٿيڻ گهرجي. ادارا هن ايوان جي تقدس جو خيال رکن هي قانون هن اداري جي ڪارڪردگي کي هٿي ڏئي ٿو قانون واري وزير چيو ته ادارن جو احترام ۽ رٽ قائم ڪرڻ لاءِ قانونسازي ٿيڻ گهرجي. ادارا هڪ ٻئي جي حدن ۾ دخل اندازي کان پاسو ڪن پارليامينٽ کي پنهنجي حقن جي خبر آهي ۽ تحفظ ڪرڻ ڄاڻي ٿي. آئين ۾ ترميم ۽ قانونسازي جو اختيار صرف پارليامينٽ جو آهي ۽ آئين جي تشريح ڪندڙ ادارو تشريح وقت پارليامينٽ جي حدن کي آڏو رکي.حڪومت توهين پارليامينٽ بل جي حمايت ڪري ڇڏي ۽ بل کي وڌيڪ غور جي لاءِ ڪميٽي ڏانهن اماڻڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي.

بقايا 18 ***

خلاف آپريشن لاءِ مقامي انتظاميه جي ٽيم پهتي ته قبضا مافيا طرفان فائرنگ ڪئي وئي.جوابدارن جي فائرنگ سبب مشين آپريٽر نعيم مارجي ويو صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پوليس جي وڌيڪ نفري طلب ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب ضلعي غربي جي پوليس فائرنگ جي الزام هيٺ 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي.ياد رهي ته ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حددخلين خلاف آپريشن عدالت جي حڪم تي ڪيو پيو وڃي.

بقايا 19 ***

جي واڌ ڪري ڇڏي آهي.مريم اورنگزيب جو چوڻ آهي ته وزيراعظم هاڻي اربع تي گهر روانو ٿيندو هن چيو ته وزيراعظم نواز شريف جي هدايت تي هڪ ڏينهن جي واڌ ڪئي، هن چيو ته شهباز شريف سياسي ۽ قومي معاملن تي صلاح مشورا ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ دورو وڌايو سنڌ سماءَ واري وزير جو چوڻ آهي ته وزيراعظم شهباز شريف برطانيا جي بادشاهه چارلس ٽين جي تاج پوشي جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ برطانيا ويو

بقايا 20 ***

مارڪيٽ اڳ ئي دٻاءَ جو شڪار هئي، جنهن سبب سيڙپڪار شيئرز خريد ڪرڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه ڏيکاري رهيا هئا بروڪرز موجب عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ مارڪيٽ وڌيڪ دٻاءَ جو شڪار ٿي ۽ شيئرز مارڪيٽ ۾ ماڻهن رڳو خوف مان شيئر کپائي ڇڏيا اسٽاڪ مارڪيٽ بروڪرز موجب اڳوڻي وزيراعظم جي گرفتاري سان ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام وڌڻ جو خدشو آهي، جنهن جا اسٽاڪ مارڪيٽ تي ناڪاري اثر پيا آهن

بقايا 21 ***

پرڏيهي کاتي جي ترجمان موجب آمريڪا شام سان لاڳاپا معمول تي آڻڻ ۾ پنهنجي اتحادين ۽ ڀائيوارن جي مدد نه ٿو ڪري. آمريڪا عرب ڀائيوارن سان گڏ شام ۾ استحڪام ۽ ڊي_ريڊيڪلائيزيشن جي حمايت جاري رکندو

بقايا 22 ***

سوال تي ته ڇا پاڪستان مستقبل ۾ به روس کان تيل خريد ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو؟ جواب ڏيندي مصدق ملڪ چيو ته جيڪڏهن اسان کي اڄ به ڪٿان به پيٽرول سستو ملندو ته پاڪستان اتان کان ئي خريد ڪندو. في الحال پهرين کيپ اچڻ تي جائزو وٺنداسين ته روسي تيل ڪيترين ضرورتن پوريون ڪري ٿو.ٻئي طرف فرانسيسي خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب آبادي جي لحاظ کان دنيا جو پنجون وڏو ملڪ پاڪستان توانائي جي سخت بحران جو شڪار آهي. پاڪستان پيٽروليم ضرورت جو 84 سيڪڙو حصو ٻاهران گهرائيندو آهي جنهن ۾ وڌيڪ عرب ملڪن کان حاصل ڪيو ويندو آهي.

بقايا 23 ***

۾ اڪثر عورتن جا سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل ناهن هوندا، ان جا مختلف سبب ٿي سگهن ٿا پر هڪ مکيه سبب نادرا جا شرط پورا ڪرڻ ۽ آفيسن ۾ سهولتن جي کوٽ ۽ ڊگهيون قطارون آهن. سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ جڻ هڪ وڏي جدوجهد بڻيل آهي، جيتوڻيڪ هي هڪ بنيادي حق آهي ۽ هڪ اهم دستاويز آهي، سڃاڻپ ڪارڊ ڪانسواءِ ملڪ جي رهواسين سان ڪيترائي مسئلا پيش اچي سگهن ٿا. نادرا پاران سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ موبائيل آفيسون ڏاهيون ويون جيڪي ڳوٺن ۾ وڃي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائينديون رهيون پر پوءِ به ڪيترائي ماڻهو سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ کان رهيل آهن. لڳي ائين ٿو ته حڪومت کي وڌيڪ ڪوششون وٺڻ جي ضرورت آهي. اڄ به سنڌ جي مختلف شهرن ۾ نادرا جي عملي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ۽ عملي خلاف شڪايتون ڪيون ويون. سنڌ سرڪار کي هن اهم مسئلي تي ڌيان ڏئي مرڪزن ۾ عملي ۾ واڌ ۽ سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ واري عمل جي نگراني ڪرڻ جي ضرورت آهي جيئن سنڌ جي رهواسين جا سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ ۾ تيزي اچي سگهي. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق گهراڻن جي مالي مدد لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيسن ۾ بينظير ڊائنامڪ رجسٽريشن ڊيسڪ قائم ڪيل آهن جتي سڃاڻپ ڪارڊ سان ڪئي وڃي رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي. جن جا ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ انهن کي وظيفو نٿو ملي ته اهي عورتون نادرا مان بي فارم حاصل ڪن ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس مان مليل فارم ڀري جمع ڪرائين. اهڙي ريت ڪين ٻارن جي تعليم لاءِ به وظيفو ملي ويندو.

بقايا 24 ***

کي قتل ڪري فرار ٿي ويو واطلاع ملڻ تي جهان واهه پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتولا ناري ۽ نوجوان جا لاش تحويل ۾ ورتا آهن جن کي پوسٽ مارٽم لاءِ شڪارپور سول اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا.جهان واهه پوليس موجب نوجوان ۽ ناري کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ ڪريون پيا.اوڏانهن علائقي ۾ اهي چوپول هلي رهيا آهن جوابدار راحب معرفاڻي ڪارنهن الزام هيٺ پنهنجي پٽ جي مڱيندي 18 ورهين جي گلزار ڌيءِ مور معرفاڻي کي قتل ڪرڻ بعد 20 ورهين جي نوجوان ثناءالله پٽ گلاب معرفاڻي کي فائرنگ ڪري قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويو آهي.

بقايا 25 ***

امتحاني مرڪزن تي بجلي بند هئڻ سبب شاگرد ۽ شاگرديائيون سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويا سکر، لاڙڪاڻو، سانگهڙ، مدڻجي، گمبٽ ۽ دوڙ ۾ پيپر واٽس ايپ گروپن ۾ پهچي ويا، حيدرآباد ۽ قاضي احمد سميت مختلف شهرن جي امتحاني سينٽرز ۾ موبائل فون ذريعي ڪاپي جي ڌم متل رهيعمرڪوٽ ۾ امتحاني سينٽرز تي ڪاپي تي ضابطو آڻڻ ۾ پوليس توڙي انتظاميه ناڪام ٿي وئي، شاگردن کي ڪاپي ڪرائڻ لاءِ به وڏي انگ ۾ ماڻهو سينٽرز ٻاهران پهتل آهنسٽ ميل جي هاءِ اسڪول ۾ پهتل پيپرز مان 40 کان 50 سواليه پيپر خالي نڪتا، جنهن سبب شاگرد ۽ انتظاميه سخت پريشاني جو شڪار آهي، موهن جو دڙو ۾ پيپر وقت کان اڳ آئوٽ ٿي ويو جڏهن ته امتحاني سينٽر مان هڪ شاگرد جي جوابي ڪاپي به ٻاهر موڪلي وئي، نيو سعيد آباد ۾ پيپر دير سان پهچڻ سبب شاگرد توڙي شاگرديائيون سخت پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا

بقايا 26 ***

مڌياپرديش رياست ۾ پيش آيو جتي مسافرن سان ڀريل بس حادثي جو شڪار ٿي وئي. ميڊيا رپورٽن موجب بس ۾ 50 مسافر سوار هئا ۽ بس مڌيا کان کارگون طرف وڃي رهي هئي ته تيز رفتاري سبب ڊرائيور بس تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيو ۽ اها پل تان هيٺ ڪري پئي. پوليس موجب ڊرائيور طرفان پل تي اوور اسپيڊ سبب بس ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي ۽ پل تي لڳل حفاظتي جارين کي توڙيندي هيٺ ڪري جنهن سبب هيل تائين 22 ڄڻا مارجڻ جي تصديق ٿي آهي ۽ 20 وڌيڪ زخمي آهن.پوليس موجب جنهن پل تي حادثو پيش آيو ان جي هيٺان درياهه وهندڙ آهي پر درياهه ۾ پاڻي نه هجڻ سبب اهو مڪمل طور تي خشڪ آهي. پوليس جو چوڻ هو ته درياهه ويجهو قائم ڊونگر ڳوٺ جي رهواسين مسافرن کي بس جي درين مان ڪڍي مسافرن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته واقعي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو اهلڪار تڏي تي واقعي واري هنڌ پهچي لاشن ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو

بقايا 27 ***

وزارت جي خط ڪانپوءِ لاهور جي مختلف علائقن ۾ انٽرنيٽ سروس بند ڪئي وئي آهي.ذريعن جو چوڻ آهي ته وڏن شهرن ۾ انٽرنيٽ ڪمپنين کي انٽرنيٽ بند ڪرڻ جا حڪم وصول ٿي ويا آهن، جنهن ڪانپوءِ انٽرنيٽ سروس بند ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي.

بقايا 28 ***

چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ سروي لاءِ مقامي ماڻهن جون خدمتون ورتيون وينديون.ان لاءِ موبائيل گاڏيون ملي چڪيون آهن جن کي جلد بلوچستان موڪليو ويندو جڏهن ته تنهن بعد ملڪ جي ٻين علائقن ۾ رجسٽريشن ڪئي ويندي.ان ڪم لاءِ چونڊيل نمائندن کي به اعتماد ۾ وٺنداسين، اسان بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ وڌيڪ فنڊز جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 29 ***

علائقي مان حراست ۾ ورتو ويو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته شاهراهه فيصل تي احتجاج ڪندڙ 23 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاري تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاج ڪيو آهي.

بقايا 30 ***

سبب سنڌ مسئلن جو ڳڙهه بڻجي ويو آهي ,زرعي صوبي جي عوام اٽي کان محروم آهي,اٽو ب سئو رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي ,ڪڻڪ جي نئين فصل لهڻ باوجود غريب عوام کي اٽو سستو نٿو ملي,اڳتي حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون نظر پيون اچن,هن چيو ت گيس ۽ بجلي جي ورهاست ۾ سنڌ سان زيادتيون ڪيون ٿيون وڃن ,پوري ملڪ کي گيس ڏيندڙ صوبي جي عوام کي گيس نٿي ملي,بدترين گيس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب سنڌ جو عوام هٿي عذاب ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي ,سهڙن خيالن جو اظهار هن فنڪشنل ليگ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم سان گڏ ڊاڪٽر علي عباس راڄپر جي دعوت جي موقعي تي ڪيو,سيد صدرالدين شاهه راشدي وڌيڪ چيو ت حڪمرانن جا ڏينهن پورا ٿي چڪا آهن,پر آهي سالن تائين اقتدار کي چنبڙيل رهڻ چاهن ٿا,موجود حڪمران جماعتون عوامي احتساب کان بچڻ لاءِ چونڊن کان ڀڄڻ چاهن ٿا پر ملڪ باشعور ۽ غيرتمند عوام انهن ڪنهن ب صورت ۾ ڀڄڻ ن ڏيندي,هن چيو اربين ۽ کربين رپين جي ڪرپشن ۾ ملوث حڪمران جماعتن جا ماڻهون آزاد گهمن پيا پر نيب کي احتساب کي جڳهه سياسي انتقام لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي ,ان موقعي تي رئيس عباس راڄپر ب موجود هئو

بقايا 31 ***

ته جيئن عوام جي خوشحالي ۽ ڀلائي لاءِ واپار ۽ ڪاروبار کي فروغ ڏئي سگهجي. واپار بابت افغاني وزير سان گڏ ٽرانسپورٽ وارو ڊپٽي وزير صادق الله عابد، واپار، ٽرانسپورٽ ۽ هوابازي جا سينئر افغان عملدار ۽ افغانستان ۾ پاڪستاني سفير عبيدالرحمان نظاماڻي به ساڻس گڏ هئا. ملاقات ۾ صوبائي وزيرن ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، جام اڪرام الله، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري فياض جتوئي پڻ شرڪت ڪئي. وڏي وزير وفد جي آجيان ڪئي ۽ ڪراچي ۾ رهندڙ افغانين، امن امان، واپار ۽ ڪاروبار جي فروغ سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان ٻئي ملڪ پاڙيسري ملڪ آهن ۽ پاڪستان خاص ڪري ڪراچي افغان شهرين جو ٻيو گهر آهي. افغان وزير نورالدين چيو ته هن ڀيري عيدالفطر گذريل ڪجهه سالن جي ڀيٽ ۾ واحد عيد هئي جو افغانستان ۾ ڪو به اڻ وڻندڙ واقعو پيش نه آيو. اسان جي ماڻهن عيد مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهائي ۽ تفريحي سرگرمين جو لطف ماڻيو هن وڌيڪ چيو ته افغانستان ۾ امن جو دور واپس اچي ويو آهي ۽ اهو امن عوام جي زندگين ۾ خوشحالي آڻيندو. افغانستان جي واپار واري وزير چيو ته پاڪستان سندس گهر وانگر آهي جيڪو اسان جي عوام جي وڏي عرصي کان ميزباني ڪري رهيو آهي. هن چيو ته اسان جا ماڻهو اڪثر ڪراچي ۾ علاج، سماجي ۽ ڪاروباري سرگرمين لاءِ ايندا آهن. هن وڌيڪ چيو ته امن امان جي بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪنداسين. هن وڌيڪ چيو ته پرڏيهي وزير امير خان متقي پاڪستان ۾ پنهنجي هم منصب بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ۾ مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ امن جي فروغ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڪراچي بندرگاهه ڏکڻ ايشيا جي سڀ کان وڏي ۽ مصروف ترين سمنڊ جي بندرگاهن مان هڪ آهي جنهن مان ملڪ جو 60 سيڪڙو ڪارگو سامان ويندو آهي. هن چيو ته هي افغانستان لاءِ بهترين واپاري رستو آهي. ان تي افغان وزير چيو ته هو واپار جي فروغ بابت ڪراچي ۽ گوادر بندرگاهن جو دورو ڪندو. مراد علي شاهه وفد کي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپيون پيش ڪيون ۽ افغانستان جي عوام لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 32 ***

خان مٿان داخل ڪيسز ڊاڪيومينٽڊ آهن. ٻين تي الزام لڳائيندڙ پاڻ ڪرپشن ڪري رهيو هو گهرو وزير چيو ته نيب ۾ عمران خان خلاف جاچ هلي رهي هئي جنهن ۾ 50 ارب روپيه قومي ناڻي کي نقصان جو معاملو آهي. القادر ٽرسٽ ۾ 5 ارب روپيين جي ملڪيت عمران خان جي نالي تي آهي. صحافي طرفان سوال ڪيو ويو ته جاچ کان اڳ گرفتار ڇو ڪيو ويو؟ سوال جو جواب ڏيندي راڻا ثناءالله چيو ته اها ڳالهه صحيح آهي ته سمورو معاملو دستاويزن ۾ آهي. ڪجهه وقت اڳ دستاويز پيش ڪيا هئا جنهن جو اڄ تائين جواب ناهي ڏنو ويو هن چيو ته جيڪڏهن عمران خان جاچ ۾ شامل ٿئي ها ته ڪيس گرفتار ڪرڻ کان سواءِ ريفرنس عدالت ۾ پيش ٿي سگهيو ٿي. ڪيترائي ڀيرا نوٽيس جي باوجود عمران خان پيش ٿيڻ کان انڪار ڪيو لکت ۾ به جواب ناهي ڏنو ويو عمران خان جي گرفتاري جو دفاع ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته قومي ناڻي کي 50 کان 60 ارب روپيين جو نقصان پهچايو ويو جيڪڏهن اهو الزام لڳايو ويندو ته اوهان گرفتار ڇو ڪيو ۽ جاچ ڇو ڪئي ته اهڙي قسم جي ذهن کي ڪيئن ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو گهرو وزير چيو ته ٻين تي الزام لڳائيندڙ پاڻ ڪرپشن ڪري رهيو هو. توشه خاني ۾ ڪروڙين، اربين روپيه وصول ڪري رهيو هو ان کان علاوه عمران خان خلاف ٻين به ڪيترين جڳهين تي جاچ هلي رهي هئي. هڪ سوال تي راڻا ثناءالله چيو ته جيڪڏهن سپريم ڪورٽ ۾ ڪجهه غلط ٿيو آهي، عدالت کي جيڪو به ڪرڻو آهي ڪرڻ گهرجي. عدالت سڳوري کي مني لانڊرنگ جو پئسو اڪائونٽ ۾ جمع نه ڪرڻ گهرجي ها.عدالت طرفان وزيراعظم ۽ حڪومت خلاف ڪارروائي بابت سوال تي گهرو وزير چيو ته اسان جي خلاف ڪهڙي شيءِ جي ڪارروائي ٿيندي. جيڪڏهن اسان جي خلاف ڪجهه به ٿيو ته اسان پنهنجو موقف سامهون رکڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا 33 ***

گرفتار ڪيو ويو ۽ نيب عملدارن وٽ سندس گرفتاري جا وارنٽ موجود هئا. آءِ جي اسلام آباد جو چوڻ آهي ته عمران خان کي القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي، اسلام آباد ۾ قلم 144لاڳو آهي، پڪڙ تي ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته عمران خان کي نيب راولپنڊي منتقل ڪيو ويو جتي سندس طبي معائنو ڪيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته عمران خان جي گرفتاري جون اڳ تياريون هيون ۽ سندس لاءِ هڪ هفتو اڳ ئي ڪمرو تيار ڪيو ويو هو. عمران خان جي گرفتاري جي وقت قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار ۽ وڪيل هٿين پئجي ويا جنهن سبب پوليس اهلڪار ۽ وڪيل زخمي به ٿيا.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق عمران خان جي گرفتاري تي پيش آيل واقعي جو نوٽيس ورتو.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق آءِ جي اسلام آباد ۽ گهرو سيڪريٽري کي 15 منٽن ۾ طلب ڪيو ۽ ايڊيشنل اٽارني جنرل کي به 15 منٽن ۾ پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي.چيف جسٽس هدايت ڪئي ته هدايتون وٺي فوري ٻڌايو ته اهو ڪم ڪنهن ڪيو آهي؟جسٽس عامر فاروق چيو ته ڪارروائي ڪرڻي پئي ته وزيراعظم ۽ وزيراعظم خلاف به ٿيندي.قومي احتساب بيورو طرفان عمران خان جا گرفتاري وارنٽ پهرين مئي تي جاري ٿيا هئا، عمران خان جا وارنٽ نيب چيئرمين جي صحيح سان جاري ٿيا.

بقايا 34 ***

امتحاني مرڪزن تي بجلي بند هئڻ سبب شاگرد ۽ شاگرديائيون سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويا سکر، لاڙڪاڻو، سانگهڙ، مدڻجي، گمبٽ ۽ دوڙ ۾ پيپر واٽس ايپ گروپن ۾ پهچي ويا، حيدرآباد ۽ قاضي احمد سميت مختلف شهرن جي امتحاني سينٽرز ۾ موبائل فون ذريعي ڪاپي جي ڌم متل رهيعمرڪوٽ ۾ امتحاني سينٽرز تي ڪاپي تي ضابطو آڻڻ ۾ پوليس توڙي انتظاميه ناڪام ٿي وئي، شاگردن کي ڪاپي ڪرائڻ لاءِ به وڏي انگ ۾ ماڻهو سينٽرز ٻاهران پهتل آهنسٽ ميل جي هاءِ اسڪول ۾ پهتل پيپرز مان 40 کان 50 سواليه پيپر خالي نڪتا، جنهن سبب شاگرد ۽ انتظاميه سخت پريشاني جو شڪار آهي، موهن جو دڙو ۾ پيپر وقت کان اڳ آئوٽ ٿي ويو جڏهن ته امتحاني سينٽر مان هڪ شاگرد جي جوابي ڪاپي به ٻاهر موڪلي وئي، نيو سعيد آباد ۾ پيپر دير سان پهچڻ سبب شاگرد توڙي شاگرديائيون سخت پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا

بقايا | سنڌيار | 01

ڪنهن جي ڪوشش ڪئي وئي مزاحمت بعد پوليس اهلڪار رهواسين کي ڇڏي ڀڄي ويا جڏهن ته اهڙي واقعي پيش اچڻ ڪانپوءِ ڳوٺ باقر رند جي رهواسين پوڙهو رند، اسد رند، پرويز رند، علي بخش رند، شينهن رند ۽ ٻين ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته مويا پوليس اسان مسڪينن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هزاردو منشيات سميت ٻيا به ڪوڙا ڪيس ٺوڪي اسان مسڪين پورهيتن سان ناحق نسورو ظلم ڪيو آهي ٻي طرف پوڙهو رند جو چوڻ آهي ته منهنجو پٽ نالي نظرحسين رند جيڪو شام جي وقت جتوئي موري اسٽاپ تان گهر لاءِ سيڊو سامان ۽ اٽو وٺڻ ويو ته مويا جي پوليس اهلڪارن ان جي مٿان به بدترين تشدد ڪيو مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ آهي ته اسان جا نوجوان هرروز مويا شهر ويندا رهندا آهن جيڪڏهن جوابدارن مٿان پوليس کي ڪو به شخص ٻهرين ڪنهن ڪيس ۾ گهربل هوته هنن شهرمان ڪين چو نه گرفتار ڪيو مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ آهي ته مويا پوليس ڏهن مائهن مٿان بلاجواز مختلف من گهڙت ڪيس داخل ڪري ڇڏيا آهن ان لاءِ مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊانهيندي چيو آهي ته اسان آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان پرزور اپيل ڪندي مطالبي جي گهر ڪريون ٿا ته واقعي جي عملي جاچ پرتال ڪرائي وڃي ۽ فوري طور تي داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري اسان سان حقيقي انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ انصاف نه ملڻ تائين احتجاجي سلسلي سميت ڪورٽ سگوري جو در به کڙڪايو ويندو ان کان علاوه مويا پوليس پنهنجو موقف ڏيندي ٻڌايو ته جوابدار نظر حسين رند سميت باقي جوابدار به پوليس کي مختلف ڪيسن ۾ گهربل هئا پوليس ڪين گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جوابدارن پوليس مٿان حملو ڪري ڏنو جنهن کان پوءِ مختلف ڪيسن ۾ گهربل جوابدارن خلاف مويا ٿاڻي تي الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پر اجا تائين ڪو به جوابدار گرفتار ناهي ٿي سگهيو هوڏانهن مويا پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن پوليس جي الزامن توڙي جاٿايل مختلف ڪيسن ۾ گهربل ڪيسن جي ڪوڙي جواز کي پڻ رد ڪندي چيو آهي ته مويا پوليس ونگار وهندي مسڪين پورهيتن ڳوٺاڻن مٿان ناجائز ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي انصاف جي گهر ڪريون ٿا

بقايا | سنڌيار | 02

کي ڌوهارين غوثپور جي ڪچي واري علائقي ۾ ٻاندي بڻائي رکيو هو مغوي جي بازيابي لاءِ ڌوهارين ڪيس تشدد ڪرڻ واري آڊيو وائرل ڪري ڏهه لک پئنگ به طلب ڪئي هئي. مغوي سجڻ جي ماءُ سورخ خاتون چاچي سرور خاتون ۽ پاڙن پنهنجي معصوم ٻارڙن سان ڪچي واري علائقن ۾ مغوي جي بازيابي لاءِ پاڪ ڪتاب کڻي گهمايو هو ۽ ڌاڙيلن کي رها ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي مغوي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڪچي جي ڌاڙيلن کان وچه ولي جان بچائي مڪواني پوليس وٽ پهتو آهيان مغوي جي بازيابي تي سنڌس گهر ۾ خوشيون پکڙجي ويون آهن واضع رهي ته مغوي کي ڌاڙيلن به هفتا اڳ جمال ٿاڻي جي حد مان ٽن ساٿين سوڌو اغوا ڪيو هيو جيڪي اڃان تائين بازياب نه ٿي سگهيا آهن

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پرووِنشل هاءِ وي ڊويزن ٿر ايٽ مٺي

No.TC/G-55/436/of 2023 Dated: 08/05/2023

مهربند ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1.دلچسپي رکندڙ شخصن/فرمن/ٺيڪيدارن/ڪمپنين کان معياري واڪ دستاويز (SBDs) تي هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ SPP رول 2010 (ترميم ٿيل 23_2022) مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (Rsملين ۾)	ڪانٽريڪٽرز ڪيٽگري	اسپيشلائيزڊ ڪوڊ	ٽينڊر في	5% واڪ سيڪيورٽي ملين ۾ CD_R_ صرف	تڪميل جو مدو
01	علي بندر روڊ کان ننگر پارڪر روڊ (ڊيپلو کان ننگرپارڪر) روڊ جي تعمير روڊ ميل 74/4_77/5 (5.00 ڪلوميٽر)	261.371	C_3 ۽ مٿي	C_3 ۽ CE_10	5000	13.069 (اير)	36 مهينا

ٽينڊرز جي جاري/رسيد ۽ کلڻ جو پروگرام

سيريل نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻين ڪوشش (ٽينڊر کي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
1	درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊرز جي جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ هن اين آءِ ٽي جي اخبارن ۾ ڇپجڻ کان صبح 09:30 وڳي تائين	25.05.2023	09.06.2023
2	ٽينڊرز صبح جو 10:00 وڳي تائين واپس ورتا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن منجهند جو 11:00 وڳي کوليا ويندا	25.05.2023	09.06.2023

02. اهليت/ لازمي.

i) صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جون 2023 تائين ۽ ان کان پوءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽگري ۾ ۽ خاص ڪوڊس جيئن هر ڪم جي حوالي سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

ii) گهٽ ۾ گهٽ 01 ساڳي نوعيت جو ڪم گهٽ ۾ گهٽ لاڳت جو 80 سيڪڙو ڪم جي تخميني لاڳت جو يا 02 ساڳي نوعيت وارو ڪم هر هڪ گهٽ ۾ گهٽ لاڳت جو 50 سيڪڙو لڳ ڀڳ 50 سيڪڙو ريگستاني علائقي ۾ گذريل پنجن سالن دوران مڪمل ٿيل مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ سان. تصديق ٿيل ڪاپيون تفصيلي ڪم ڪندڙ تخميني، بولي جي تشخيص رپورٽ ۽ SPPRA ID جي.

iii) فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بايو ڊيٽا ڊگري سرٽيفڪيٽن جي دستاويزن سان.

iv) سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / پروجيڪٽ جي برابر لاڳت کان گهٽ نه هجي (ٽرن اوور جو اندازو ساليانو واپسي ۽ آڊٽ رپورٽن مان ڪيو ويندو).

v) (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل ٽن سالن & 21_2020 ,20_2019) (22_2021 جي ساليانو آڊٽ ڪيل رپورٽون. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمز کان سواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽون قبول نه ڪيون وينديون.

vi) مشينري ۽ سامان جي لسٽ دستياب دستاويزي ثبوت سان گڏ ان جي ملڪيت / ڪرائي تي.

vii) گهٽ ۾ گهٽ 15٪ يا وڌيڪ ساليانو اوسط بيلنس گهربل آهي گذريل 03 سالن ۾ (22_2021 & 21_2020 ,20_2019) ڪم جي تخميني قيمت لاءِ تازو بئنڪ سرٽيفڪيٽ (اصل ۾) ڏنل مدت جي ساليانو اوسط بيلنس کي بيان ڪندي ڳنڍيل هجڻ گهرجي.

viii) گذريل 3 سالن (22_2021 & 21_2020 ,20_2019) لاءِ بئنڪ اسٽيٽمينٽ مهيا ڪرڻ لازمي آهي 15 جولاءِ کان 30 جون تائين. هر سال الڳ الڳ.

ix) انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن NTN (سرٽيفڪيٽ) وفاقي بورڊ آف روينيو سان فعال حيثيت سان.

x) گذريل ٽن سالن جي ساليانو انڪم ٽيڪس ريٽرن يعني 21_2020 ,20_2019 & 22_2021.

xi) دستاويزي ثبوت ڏيکاريندو آهي ته ٺيڪيدار/فرم هڪ اسفالٽ پلانٽ جي مالڪ/ ڪرائي تي ڏني آهي ان سان لاڳاپيل مشينري جهڙوڪ ٽنڊوم، پي ٽي آر ۽ پيور مشين سان گڏ عدالتي اسٽيمپ پيپر تي ڪرائي تي ڏنل معاهدو.

xii) سنڌ روينيو بورڊ جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ گورنمينٽ آف سنڌ (SRB) سرٽيفڪيٽ (فعال حيثيت سان).

xiii) ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هر صفحي جو نمبر هجڻ گهرجي ۽ ان جي اسٽيمپ سان گڏ فرم / ڪمپني جي مالڪ طرفان تصديق ٿيل هجي.

xiv) بڊ سيڪيورٽي جو طريقو CD_R آهي. CD_R کان سواءِ بيڊ سيڪيورٽي قبول نه ڪئي ويندي ۽ نااهلي جو سبب بڻجندي.

xv) تشخيصي معيار، ذيلي معيار، مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي تشخيص لاءِ ها/نه يا پاس/فيل تي ٻڌل آهي؛ جيڪڏهن ڪو بولڊر ها حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ڪنهن معيار يا ذيلي معيار ۾ پاس ڪري ٿو ته پوءِ هو / اهو اهل نه هوندو.

03. خريداري جو طريقو (سنگل اسٽيج به لفافا).

04. واڪ/ٽينڊر دستاويز:

1. معاهدي جا دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا SPPRA جي آفيشل ويب سائيٽ يعني "http://ppms.pprasindh.gov.pk" تان ڊسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. 5000 پي آرڊر جي صورت ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر صوبائي هاءِ وي ڊويزن ٿر @ مٺي جي حق ۾، هڪ ٽيڪنيڪل پروپوزل سان ڳنڍيل هجڻ ضروري آهي. ۽ مٿي ذڪر ڪيل بڊ سيڪيورٽي ڪال ڊيپازٽ جي صورت ۾ صرف پاڪستان جي ڪنهن

به شيڊول بئنڪ مان ان جي حق ۾. ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ وي ڊويزن ٿر ايٽ مٺي (فرم جو نالو) جي اڪائونٽ تي پڻ ٽيڪنيڪل بڊ / ٽينڊرز سان ڳنڍيل هجي، ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

2. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي / حصووٺندڙ ڪانٽريڪٽرز/ فرمز ۽ انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا، جيڪي شايد حاضر ٿيڻ چاهين.

3. بولي ۾ هڪ پيڪيج شامل هوندو جنهن ۾ به الڳ لفافا هوندا. هر لفافي ۾ الڳ الڳ مالي تجويز ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل شامل آهن. مونجهاري کان بچڻ لاءِ لفافي تي ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل کي ٿلهي ۽ واضح اکر ۾ نشان لڳايو وڃي.

4. ٽيڪنيڪل پروپوزل کوليو ويو فرمن جي ٽيڪنيڪل قابليت جو جائزو ورتو ويندو. فنانشل بڊس / پروپوزل کي ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ فرمز کي کوليو ويندو تاريخ ۽ وقت تي جيڪو لکت ۾ سڀني قابل ٺيڪيدارن / فرمز کي اڳ ۾ ٻڌايو ويندو. فنانشل بڊس / پروپوزل کي ٽيڪنيڪل طور تي غير جوابي طور تي لاڳاپيل بولڊرن کي واپس ڪيو ويندو جيڪي کليل نه هوندا.

5. ٽيڪنيڪل طور تي جواب ڏيڻ وارن جي CD_R، پروڊيڪ شرح جي ڪري رد ٿيل ڪامياب بولڊر کي ڪم آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ واپس موٽايو ويندو.

6. پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو به ميمبر اوپننگ جي تاريخ تي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هجڻ جي صورت ۾ بل جمع ڪرايو ويندو ۽ اينڊڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول تي کوليو ويندو

7. جوائنٽ وينچر جي اجازت نه هوندي.

8. تازو حلف نامو (اصل ۾) ان اثر سان ته سمورا دستاويز / تفصيل / مشينري جي معلومات صحيح ۽ صحيح آهن. ڪمپني / فرم پاران مهيا ڪيل غلط معلومات / سرٽيفڪيٽ جي صورت ۾ ڪنهن به اسٽيج تي بليڪ لسٽ ٿيڻ جا ذميوار هوندا.

9. عدالتي اسٽيمپ پيپر تي CNIC سان گڏ مالڪ جا تفصيل. هڪ نمائندي کي مالڪ کان عدالتي اسٽيمپ پيپر تي اختيار حاصل ڪرڻ گهرجي. عدالتي اسٽيمپ پيپر کان سواءِ اٿارٽي قبول نه ڪئي ويندي ۽ اهڙو ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو.

10. فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرن/پراپرائيٽرز جا مڪمل تفصيل ڏيڻ يا پاور آف اٽارني سان لاڳاپيل ٻيا. اڪيلي مالڪ هجڻ جي صورت ۾ اهڙي قسم جو معاهدو تازو حلف نامي تي (اصل ۾) پيش ڪيو وڃي.

11. تازو حلف نامي (اصل ۾) تي ضابطو آڻڻ ته فرم /ڪمپني هن وقت ڪنهن به سرڪاري کاتي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي آهي، چاهي وفاقي هجي يا صوبائي.

12. ٽينڊر مٿي ڏنل گهربل دستاويزن / معلومات سان گڏ پيش ڪيا وڃن. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به گهربل دستاويز/معلومات جي کوٽ آهي ته پوءِ ٽينڊر پروڪيورنگ ڪميٽي طرفان غور نه ڪيو ويندو ۽ تاريخ ۽ وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ اهڙا دستاويز قبول نه ڪيا ويندا.

* جمع ڪرائڻ جي جاءِ، ٻيا ڳاڇا ۽ کولڻ هيٺ ڏنل هنڌ ۽ رابطو ڪيو ويندو:_

هنڌ: آفيس هيٺ صحيح ڪندڙ ويجهو هيٺ ڏنل آفيس نادرا روينيو ڪالوني مٺي، ٿرپارڪر

ٽيليفون نمبر 0232_920156

اي ميل پتو: Provincialhighwaydivisionthar@gmail.com

5. شرط ۽ ضابطا:_

اي) هيٺين شرطن جي هيٺان درخواست رد ڪئي ويندي: _

i) ڪي به مشروط اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليگرافڪ بوليون / ٽينڊرز قبول نه ڪيا ويندا.

ii) گهربل رقم ۽ انداز جي بڊ سيڪيورٽي سان گڏ نه آهن.

iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ حاصل ڪيل بوليون.

بي) بولي جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن.

سي) پروڪيورمينٽ اٿارٽي وٽ SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019_20) جي مطابق ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرز/بولين کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پرووِنشل هاءِ وي ڊويزن
ٿر ايٽ مٺي

INF/KRY#1791/2023

پڙهندي سنڌ ته.... وڌندي سنڌ

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رائيس ڪينال ڊويزن لاڙڪاڻو

No: TC/G-55/1169 of 2023
Larkana, Dated: 26.04.2023

تصحيح

اهو پيش ڪرڻو آهي ته NIT هن آفيس نمبر TC/G_55/543 تاريخ 20.02.2023 ذريعي SPPRA جي ويب سائيٽ تي 26.02.2023 تي اپ لوڊ ڪيو ويو. 22.03.2023 تي ٽينڊر کولڻ جي تاريخ ۽ چيو ويو NIT جي بولي جي تشخيص رپورٽ 28.03.2023 تي اپ لوڊ ڪيو ويو ڪجهه ٽيڪنيڪل سببن جي ڪري منسوخ ڪيو ويو آهي قاعدو نمبر 25.(i)

صحيح
(بهار علي جماڻي)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رائيس ڪينال ڊويزن لاڙڪاڻو

INF/KRY#1784/23

پڙهندي سنڌ ته.... وڌندي سنڌ